ABC Certified

REG NO. 3833

روزاني **سنڌيار** سکر

ايڊيٽر: اعجاز مهر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) اربع 24 اپريل 2024ع بمطابق 15 شوال المڪرم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 328

تعليم ۽ هنر، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تي خاص ڌيان ڏيڻ وقت جي اهميت ضرورت آهي: ايراني صدر

غزا بابت اصولي موقف تي پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيون ٿا، اسرائيل سان جنگ ۾ فلسطيني ڪامياب ٿيندا، علامہ اقبال مسلمانن کي نئون رستو ڏيکاريو: ابراهيم رئيسي

جيئن توهان کي پنهنجي قوم تي فخر آهي تئين ايران کي بہ پنهنجي قوم تي فخر آهي، ڪين پنهنجي مجاهدن تي وڏيڪ فخر آهي، پاڪستان ۾ اچي بلڪل بہ اوپرائپ محسوس نہ ٿي رهي آهي

سڪيورٽي خدشن سبب پاڪستان ۾ ميڙاڪي کي خطاب نہ ڪري سگهيو آهيان، غزا بابت پاڪستان جو موقف ساراهہ جوڳو آهي، اسرائيل خلاف جنگ ۾ فلسطيني ئي ڪاميابي حاصل ڪندا

قومن جي برادريءَ ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ علم ۽ صلاحيتن، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تي خاص ڌيان ڏيڻ وقت جي ضرورت آهي، تعليمي شعبي ۾ مربوط حڪمت عملي سان بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا

فلسطين جي حوالي سان پاڪستان ۽ ايران جو موقف هڪ جهڙو آهي، پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ توانائي سميت ٻين شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌايو ويندو: گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي ۾ ڳالهيون

ايراني صدر ابراهيم رئيسي لاهور پهتو، پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز لاهور هوائي اڏي تي ايراني صدر جي آجيان ڪئي، ايراني صدر جي مزار اقبال تي حاضري

لاهور (م د) ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو آهي تہ غزا بابت اصولي موقف تي پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيون ٿا، اسرائيل سان جنگ ۾ فلسطيني ڪامياب ٿيندا. ايراني صدر ابراهيم رئيسي پاڪستان جي دوري دوران اسلام آباد کان لاهور پهتو. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز لاهور هوائي اڏي تي ايراني صدر ابراهيم رئيسي جي آجيان ڪئي. ايراني صدر ابراهيم رئيسي هوائي اڏي کان مزار اقبال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: ايران جو صدر ابراهيم رئيسي گورنمينٽ ڪاليج ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

ٽئڪس ڪيسز ۾ دير جو نوٽيس، وزيراعظم چيف ڪمشنر ان لينڊ ريونيو سميت لاڳاپيل آفيسرن کي معطل ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف ٽئڪس ڪيسز ۾ ٿيندڙ دير جو نوٽيس وٺندي اسلام آباد جي چيف ڪمشنر ان لينڊ ريونيو ۽ سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي معطل ڪري انڪوائري جو حڪم ڏئي ڇڏيو. وزيراعظم شهباز شريف حڪومت سنڀالڻ کان پوءِ ايف بي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

گم ٿيلن جو معاملو دهشتگردي سان جڙيل آهي، عدالتي حڪمن تي رات پيٽ ۾ حل نٿو ٿي سگهي: عطا تارڙ

2011ع ۾ سپريم ڪورٽ گم ٿيل ماڻهن بابت انڪوائري ڪميشن جوڙي هئي جنهن تحت 10023 ڪيسز مان 7900 ڪيس حل ٿي چڪا آهن، رڳو 23 سيڪڙو ڪيس التوا هيٺ آهن

حڪومت ان حوالي سان تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، اسان جي نيت ان مسئلي کي حل ڪرڻ آهي، قانون واري وزير ماضي جي حڪومت ۾ بہ ان تي ڪم ڪيو، پيهر بہ ان تي ڪم ٿي رهيو آهي

پاڪستان جي عوام تحريڪ انصاف جي ڪوڙ، تشدد، دفاعي ادارن جي خلاف بيانيي کي رد ڪري ڇڏيو آهي، ضمني چونڊن جي شفافيت تي ڪير بہ آڱر نہ ٿو کڻي سگهي

گم ٿيل ماڻهن جو مسئلو حڪومتي ۽ عسڪري ڌرين ۾ بحث هيٺ آهي، پاڪستان ڇئن ڏهاڪن کان دهشتگردي کي منهن ڏئي رهيو آهي، گم ٿيل ماڻهن جو معاملو دهشتگردي سان جڙيل آهي: اعظم نذير تارڙ

ملڪ ۾ شهيدن جي وارثن جا سخت خدشا آهن، 2011ع ۾ گم ٿيل ماڻهن بابت ڪميشن ٺهي، گم ٿيل ماڻهن جا رڳو 23 سيڪڙو ڪيس بچيل هيٺ آهن، گم ٿيل ماڻهن جي معاملي تي گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي: گڏيل پريس ڪانفرنس

اڊيالا جيل واري صاحب جي دور ۾ پاڪستان اڪيلائپ جو شڪار هو، پرڏيهي پاليسي جي خلاف ڳالهيون ڪندڙ ماضي جو قصو بڻجي چڪا آهن

اسلام آباد (م د) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ اڊيالا جيل واري صاحب جي دور ۾ پاڪستان اڪيلائپ جو شڪار هو، هاڻي اهو معاملو ختم ٿي چڪو آهي، پرڏيهي پاليسي جي خلاف ڳالهيون ڪندڙ ماضي جو قصو بڻجي چڪا آهن، انهن پنهنجي ذات جي خاطر ملڪ کي سدائين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، عوام نفرت ۽ ورچ جو بيانيو رد ڪري ڇڏيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ۽ اعظم نذير تارڙ گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيا آهن

معياري تعليم اولين ترجيح آهي، ڀرپور ڪوشش آهي تہ ڪو بہ ٻار اسڪول کان ٻاهر نہ هجي: وزيراعظم

پاڪستان ۽ برطانيا جا لاڳاپا ڏهاڪن تي ٻڌل آهن جن ۾ وقت سان گڏوگڏ وڌيڪ بهتري اچي رهي آهي

اسان پنجاب صوبي ۾ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ قائم ڪيو هو، اهڙي ئي قسم جا قدم وفاق ۾ پڻ کڻنداسين

برطانيا پاڪستاني استادن جي تربيت ۽ صلاحيت ۾ اضافي جي حوالي سان مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ معياري تعليم جو فروغ اسان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تعليم بابت برطانيا مان آيل وفد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

نيشنل ايڪشن پلان 2014 تي عملدرآمد لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل

اسلام آباد (م د) نيشنل ايڪشن پلان 2014 تي عملدرآمد لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عورتن جي خود مختياري جو مطلب پنهنجي ثقافت کي محفوظ رکڻ آهي: ايراني خاتون اول

ايران جي خاتون اول هوم اڪنامڪس يونيورسٽي لاهور جو دورو ڪيو، جتي ڪيس يادگار بہ پيش ڪيو ويو

پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ مضبوط تاريخي، ثقافتي ۽ مذهبي لاڳاپا آهن، ايران سهڪار وڌائڻ جي عظيم ايجنڊا رکي ٿو

ٻنهي ملڪن جي قيادت کي علائقائي ۽ عالمي اڳيرائي ۽ دهشتگردي جي گڏيل خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻہ طرفن لاڳاپن کي وڌائڻو پوندو

لاهور (م د) خاتون اول ايران ڊاڪٽر جميلہ عالم الهديٰ چيو آهي تہ عورتن جي خود مختياري جو مطلب پنهنجي ثقافت کي محفوظ رکڻ آهي. خاتون اول ايران هوم اڪنامڪس يونيورسٽي لاهور جو دورو ڪيو، جتي ڪيس يادگار بہ پيش ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03



عمران خان هلندڙ مهيني جي آخر تائين جيل کان ٻاهر اچي ويندو: اسد قيصر

چونڊن جي دوران اسان کي جلسا نہ ڪرڻ ڏنا ويا ان کان علاوه اسان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي بہ گرفتار ڪيو ويو

پي ٽي آءِ باني ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪندو ۽ نئين ورڻ کنهن جي دٻاءُ ۾ ايندو: مانچسٽر ۾ پريس ڪانفرنس

مانچسٽر (م د) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اسد قيصر چيو آهي تہ پي ٽي آءِ باني هلندڙ مهيني جي آخر تائين جيل کان ٻاهر اچي ويندا. مانچسٽر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اسد قيصر چيو تہ چونڊن جي دوران اسان کي جلسا نہ ڪرڻ ڏنا ويا ان کان علاوه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آءِ ايم ايف جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس 29 اپريل تي ٿيندو، پاڪستان لاءِ قرض معاهدي جي آخري قسط جي منظوري ڏني ويندي

واشنگٽن (م د) عالمي مالياتي اداري جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس 29 اپريل تي ٿيندو جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اڳوڻي وزيراعظم جي گهرواري بشريٰ بي بي مڪمل فٽ قرار

ڊاڪٽرن جي ٽيم رات جي وقت بني گالا ۾ تفصيلي طبعي معائنو ڪيو

پمز اسپتال جي ڊاڪٽرن ڪيس رڳو کاڌي ۾ احتياط ڪرڻ جي صلاح ڏني

اسلام آباد (م د) پمز اسپتال جي ڊاڪٽرن اڳوڻي وزيراعظم جي گهرواري بشريٰ بي بي کي مڪمل فٽ قرار ڏئي سندس صحت بابت تازي رپورٽ اعليٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

6 ججن جي خط جي معاملي تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ فل ڪورٽ اجلاس

چيف جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ 8 جج فل ڪورٽ اجلاس ۾ شريڪ ٿيا

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فل ڪورٽ اجلاس تقريبن اڍائي ڪلاڪ جاري رهڻ کانپوءِ ختم ٿيو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن طرفان ايگزيڪيوٽو جي عدليا جي معاملن ۾ مداخلت بابت خط تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ فل ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪري رهيو آهي: انتوني بلنڪن

نَو مئي واقعن کانپوءِ اڳوڻي وزيراعظم سميت ڪيترن ئي سياسي ڪارڪنن تي ڪيس داخل ڪيا ويا

گرفتار ٿيل سياسي ڪارڪن جيلن ۾ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن، ميڊيا تي پابنديون آهن، فورسز ۽ شهرين تي حملا ٿي رهيا آهن

آمريڪا انساني حقن جي حوالي سان ٻٽو معيار اختيار ناهي ڪيو، اسرائيل تي انساني حقن جي پائماليءَ وارا الزام ڏسي رهيا آهيون

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي وزير انتوني بلنڪ انساني حقن بابت ساليانو رپورٽ جاري ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪري رهيو آهي. انتوني بلنڪن چيو تہ پاڪستان ۾ نَو مئي واقعن کانپوءِ اڳوڻي وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ايراني صدر جي ڪراچي آمد، مزارِ قائد تي حاضري

ڪراچي پهچڻ تي گورنر ۽ وڏي وزير ايراني صدر جو استقبال ڪيو

شارع فيصل تي وزيراعظم ۽ پاڪستان جي صدر جا بينر لڳايا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ايران جو صدر ڊاڪٽر سيد ابراهيم رئيسي اعليٰ سطحي وفد سان گڏ ڪراچي پهچي ويو. ڪراچي پهچڻ تي سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري ۽ سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ ايراني صدر جو استقبال ڪيو. ايراني صدر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايران سان واپاري معاهدن سبب پابندين جو خطرو ٿي سگهي ٿو: آمريڪي پرڏيهي کاتو

پاڪستان خلاف پابندين جو جائزو نہ پيا وٺون، آمريڪا پنهنجي پائيداري جاري رکڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي

آمريڪا، پاڪستان جي سڀ کان وڏين برآمدي مارڪيٽن مان هڪ ۽ گذريل ويهہ ورهين کان سڀ کان وڏو سيڙپڪار آهي

پاڪستان جي اقتصادي ڪاميابي ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي، آمريڪا پنهنجي پائيداري جاري رکڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪا ايران سان واپاري معاهدن تي غور ڪرڻ وارن کي پابندين جي امڪاني خطري کان آگاهہ رهڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو آهي. آمريڪي پرڏيهي کاتي جو چوڻ آهي تہ ايران سان واپاري معاهدن سبب پابندين جو خطرو ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڊي آءِ خان ۾ مارجي ويل دهشتگرد ڪسٽم اهلڪارن تي تازن حملن ۾ ملوث هئا: سي ٽي ڊي

مارجي ويلن ۾ انتهائي گهربل دهشتگرد جهانزيب پڻ شامل هو جيڪو ڪسٽم اهلڪارن تي ٿيل حملن ۾ ملوث هو

مارجي ويل دهشتگرد ڀتا خوري، سيڪيورٽي فورسز تي حملي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث هئا

مقامي آبادي ۾ دهشتگردي جي سهولتڪارن جي موجودگيءَ جو خدشو آهي، سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

پشاور (م د) سي ٽي ڊي جو چوڻ آهي تہ گذريل ڏينهن ڊيرا اسماعيل خان ۾ مارجي ويل اٺ دهشتگرد ڪسٽم اهلڪارن تي تازن حملن ۾ ملوث هئا. سي ٽي ڊي طرفان جاري ڪيل بيان موجب، مارجي ويل دهشتگردن ۾ انتهائي گهربل دهشتگرد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وڏيڪ بہ ٽي سال گذري ويا تہ نيب کان پينشن وٺڻي پوندي: شاهد خاقان

بجلي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ سخت محنت ڪرڻي آهي

ايران اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي ۽ انهن لاڳاپن کي اڳتي وڌڻ گهرجي، گئس پائپ لائين سياسي نہ پر قانوني مسئلو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي تہ مان سمجهان ٿو جيڪڏهن بہ ٽي سال وڌيڪ گذري ويا تہ نيب کان پينشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

آءِ ايم ايف سان ڊگهي مدي وارو پروگرام ضروري آهي: ناڻي وارو وزير

هفتي جي آخر تائين آءِ ايم ايف جي قسط ملڻ سان پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا بهتر ٿي ويندا

حڪومت ڪرنٽ اڪائونٽ خساري ۽ مالياتي خساري کي ڪنٽرول ڪرڻ جو ٽارگيٽ رکيو آهي، واپارين جي رجسٽريشن بابت مستقبل ۾ ڏنو ويندو

حڪومتي قدمن سبب ٽيڪس اوڳاڙي ۾ اضافو ۽ ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو گهٽ ٿيو آهي، پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافو ٿيو آهي

اسلام آباد (م د) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي تہ آءِ ايم ايف سان ڊگهي مدي وارو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب تقريب کي خطاب ڪندي

قلم 144 جي ڀڃڪڙي ڪيس، سواتي جي ضمانت منظور ٿي وئي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ آرٽيڪل 144 جي ڀڃڪڙي ڪيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ حڪومت ۽ ڊي ايڇ اي ۾ ملير جي 200 ايڪڙ زمين جو تڪرار نبري ويو

ايڏي وڏي رقم آهي، معاملو ڪيئن طئي ٿيو؟: جسٽس جمال مندوخيل

روينيو بورڊ جي دعويٰ ڪروڙين رپين جي هئي تہ سيٽلمينٽ ڪيئن ٿيو اهو ٻڌايو؟

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي (ڊي ايڇ اي) وچ ۾ ملير جي 200 ايڪڙ زمين جي تڪرار جو نبيرو ٿي ويو ۽ ڊي ايڇ اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پاڪ_ايران لاڳاپا آمريڪا جي مفاد ۾ ناهن تہ اهو آمريڪا جو مفاد آهي اسان جو نہ: مليحا لوڌي

پاڪستان جا ايران سان لاڳاپا آمريڪا جو نہ اسان جو معاملو آهي، پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا ڏهاڪن کان مضبوط آهن

ايراني صدر جو دورو انتهائي اهم آهي جو ڪجهہ عرصو اڳ ٻنهي ملڪن ۾ ڇڪتاڻ ٿي هئي، اڳتي لاءِ بہ اهڙا قدم ضروري آهن

اسلام آباد (م د) پاڪستان جي اڳوڻي سفير مليحا لوڌي چيو آهي تہ جيڪڏهن پاڪ_ايران لاڳاپا آمريڪا جي مفاد ۾ ناهن تہ اهو آمريڪا جو مفاد آهي اسان جو نہ. نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي مليحا لوڌي چيو تہ پاڪستان جا ايران سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪستان جي آءِ ٽي برآمدن ۾ 339 ملين ڊالرن جي رڪارڊ واڌ

پاڪستان جي آءِ ٽي برآمدن ۾ 17.44 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي: آءِ ٽي جي وزارت

گذريل سال ان ئي عرصي ۾ آءِ ٽي برآمدون هڪ ارب 94 ڪروڙ ڊالر هيون

اسلام آباد (م د) پاڪستان جي آءِ ٽي برآمدن ۾ 339 ملين ڊالرن جي رڪارڊ واڌ ٿي آهي. آءِ ٽي واري وزارت موجب جولاءِ 2023 کان مارچ 2024 تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عمران خان کي ڊيل جي آڇ ٿي پر هن انڪار ڪري ڇڏيو آهي: عليما خان

عمران خان چاهي ٿو تہ ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني هجي ۽ هڪ مثبت سوچ لاءِ بيٺو آهي

عمران خان جو چوڻ آهي تہ سندس خلاف جيڪي بہ ڪيس آهن هو انهن کي منهن ڏيندو

پي ٽي آءِ باني کي ڊيل تحت جيل مان آزاد ڪرڻ سميت سمورا ڪيس ختم ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي آهي

راولپنڊي (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي ڀيڻ عليما خان دعويٰ ڪئي آهي پي ٽي آءِ باني کي ڊيل تحت جيل مان آزاد ڪرڻ سميت سمورا ڪيس ختم ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي آهي پر هن آئين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. راولپنڊي جي جوڊيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

برطانوي پارليامينٽ پناهگيرن کي روانڊا موڪلڻ جو بل منظور ڪري ورتو

لنڊن (م د) برطانوي پارليامينٽ پناهگيرن کي روانڊا موڪلڻ جو بل منظور ڪري ورتو. اڄ شاهي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آمريڪي صدر پاران يوڪرائني هم منصب کي جلد امداد ڏيڻ جي خاطري

صدر جو بائيڊن جو يوڪرين جي صدر زيلنسڪي سان ٽيليفونڪ رابطو

زيلنسڪي ڊرون ۽ بم حملن سبب ٿيندڙ دهشتگردي جي حوالي سان آگاهہ ڪيو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر جو بائيڊن چيو آهي تہ سينيٽ مان منظوري ملندي ئي يوڪرين کي نئين آمريڪي سيڪيورٽي امداد فراهم ڪئي ويندي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: ايراني صدر جي گهرواري تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

گم ٿيل ماڻهن وارو معاملو، عدالت جو پوليس تي بي اعتمادي جو اظهار، گهرو کاتي کان رپورٽ طلب

ٻڌايو وڃي تہ گم ٿيل شخص ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ آهي، ڇا هو زنده بہ آهي؟: عدالت جا ريمارڪس

جاچ ادارا ادريس اسماعيل کي ڪٿي ويندڙن جي سڃاڻپ نہ ڪري سگهيا، ادريس سان گڏ گم ٿيل شخص ملتان مان بازياب ٿيو هو: جاچ آفيسر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن تي ٻڌڻي دوران عدالت پوليس جي ڪوشش تي بي اعتمادي جو اظهار ڪندي گهرو وزارت کان رپورٽ طلب ڪري ورتي. گهرو سيڪريٽري کي حلف نامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پاڪستان ۾ نئين حڪومت کانپوءِ ايران سان درآمدن ۾ واڌ

هلندڙ مالي سال جي پهرين 9 مهينن ۾ ايران سان درآمدون 16 سيڪڙو وڌيون آهن

مارچ 2024 ۾ ايران سان درآمدن جو ڪاٿو 9 ڪروڙ 56 لک ڊالر رهيو

اسلام آباد (م د) پاڪستان ۾ نئين حڪومت جي قيام کانپوءِ ايران سان درآمدن ۾ واڌ ٿي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ نئين حڪومت جي پهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

دل جي مرض کان بچاءَ جي لاءِ جامع ڪوششون ڪرڻيون پونديون: آصف علي زرداري

دل جي مرض کان بچاءَ جي لاءِ ماڻهن ۾ صحتمند طرز زندگي بابت آگاهي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي

ڪاربونيٽيڊ ۽ مٺي شربتن ۾ کنڊ جي مقدار بابت هيلٿ ايڊوائيزري نمايان ڪرڻ جي لاءِ قدم کنيا وڃن

انجائنا ۽ هارٽ اٽيڪ جي ڪري ٿيندڙ موت روڪڻ، گهٽ ڪرڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهيون: پناهہ جو وفد

اسلام آباد (م د) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۾ دل جي بيمارين کان بچاءَ جي لاءِ آگاهي پيدا ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ اسان کي دل جي مرض کان بچاءَ جي لاءِ جامع ڪوششون ڪرڻيون پونديون. ايوان صدر جي پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان هارٽ ايسوسيئيشن جو وفد ملاقات ڪندي

ڄامشورو ۾ ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، عورت ڌيءُ سوڌو فوت، مڙس زخمي

ڄامشورو (د ر) ڄامشوري ۾ حادثو، عورت ڌيءُ سوڌو فوت ٿي وئي، مڙس زخمي ٿي پيو. ڄامشورو_ حيدرآباد روڊ تي موٽرسائيڪل کي پنيان ايندڙ تيز رفتار ٽرڪ ٽڪر هڻي. حادثي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

مخالف اميدوار جي پيءُ تي مبينا حملو، شبير بجاراڻي سميت 7 جوابدارن خلاف ڪيس داخل

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ۾ مخالف اميدوار جي پيءُ تي مبينا حملي جو پيپلزپارٽي جي ايم اين اي شبير بجاراڻي سميت 7 جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

مودي تي چونڊ مهم ۾ مسلمانن کي ٽارگيٽ ڪرڻ جا الزام

نريندر مودي پنهنجي چونڊ مهم ۾ مسلمانن کي نشانو بڻائي رهيو آهي: ڪانگريس

نئين دهلي (م د) ڀارت جي مخالف ڌر واري جماعت ڪانگريس اليڪشن ڪميشن ۾ شڪايت داخل ڪرائي آهي تہ ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

وفاقي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ مفت کاڌي جي پروگرام تي عملدرآمد شروع

پهرئين فيز ۾ 40 پرائمري اسڪولن ۾ هلندڙ هفتي منجهند جو کاڌو ڏنو ويندو

پهرئين مرحلي ۾ ترنول ۽ نيلور سيڪٽر جي 20_20 اسڪولن ۾ مفت کاڌو ڏنو ويندو

اسلام آباد (م د) وفاقي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ مفت کاڌي جي پروگرام تي عملدرآمد شروع ٿي ويو. سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي مفت کاڌو فراهم ڪيو ويو، پهرئين فيز ۾ 40 پرائمري اسڪولن ۾ هلندڙ هفتي منجهند جو کاڌو ڏنو ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملائيشيا: ساموندي فوج جا ٻہ هيليڪاپٽر پاڻ ۾ ٽڪرائجي تباهہ، 10 ڄڻا اجل جو شڪار

ڪوالالمپور (م د) ملائيشيا ۾ نيوي جا 2 هيليڪاپٽر فضا ۾ ٽڪرائجي تباهہ ٿي ويا جنهن سبب 10 ڄڻا اجل جو شڪار ٿيا. ملائيشين نيوي موجب صبح نيوي پريڊ جي ريهرسل دوران لومٽ بيس تي حادثو پيش آيو. حادثي جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

"ڌاڙيل فرار ٿي ٿا وڃن" گهوٽڪي ۾ روڊ ڪناري ڪمند جي پوکي تي پابندي

مقامي هاري روڊ ڪناري 1500 ميٽر فاصلي تائين ڪمند نہ پوکين: ڪمشنر جو حڪم

ڪمند جي فصل سبب واردات کانپوءِ جوابدار آساني سان فرار ٿي ويندا آهن

سکر (م د) گهوٽڪي ۾ روڊ ڪناري 1500 ميٽرن جي فاصلي تائين ڪمند جي پوکي تي پابندي هڻي وئي آهي. سکر جي ڪمشنر هڪ آرڊر جاري ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق سان سعودي عرب جو سفير ملاقات ڪندي

پاڪستان، ازبڪستان ۽ سعودي عرب ۾ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ پائيداري جو اهم معاهدو

ازبڪستان سان کي ٽريڊ سيڪيورٽيز ۽ انشر ڪيپيٽل سرحد پار سيڙپڪاري جي حمايت لاءِ پائيداري ڪئي

ٻئي فرمز پاڪستان، ازبڪستان ۽ سعودي عرب ۾ سيڙپڪاري ۽ واپارين جي مدد ۽ رهنمائي لاءِ سرگرم رهنديون

اسلام آباد (م د) ازبڪستان، پاڪستان ۽ سعودي عرب ۾ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ پائيداري جو اهم معاهدو ٿيو آهي. ازبڪستان سان کي ٽريڊ سيڪيورٽيز ۽ انشر ڪيپيٽل سرحد پار سيڙپڪاري جي حمايت لاءِ پائيداري ڪئي. انشر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

سنگرار واري علائقي مان اغوا ٿيل پريا ڪماري جو ڪيس سکر کان نوابشاهہ منتقل

جي آءِ ٽي 26 اپريل تي زاهد شاهہ ۽ پريا ڪماري جي مائٽن سميت 16 ڄڻن کي طلب ڪري ورتو

پريا ڪماري جي والدين سکر بدران شهيد بينظير آباد ۾ جاچ ٽيم جي گڏجاڻي ڪوٺائڻ جي درخواست ڪئي هئي

ڊي آءِ جي جاويد جسڪاڻي جي سربراهي ۾ جڙيل ٽيم پاران جاچ جو مرڪز هاڻي شهيد بينظير آباد کي بڻايو ويو آهي

سکر (م د) روهڙي جي سنگرار واري علائقي مان 3 سال اڳ اغوا ٿيل ٻارڙي پريا ڪماري جو ڪيس سکر کان نوابشاهہ منتقل ڪيو ويو. ڊي آءِ جي جاويد جسڪاڻي جي سربراهي ۾ جڙيل جي آءِ ٽي 26 اپريل تي زاهد شاهہ ۽ پريا ڪماري جي مائٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: وفاقي وزير اويس لغاري سان بزنس ڪائونسل جو وفد ملاقات ڪندي

حڪومت مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي: شيخ رشيد

9 مئي واقعن تي داخل ڪيسن مان بريت جي لاءِ شيخ رشيد جون درخواستون ٻڌڻي جي لاءِ منظور

اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ملوث ڪيو ويو آهي اهو سياسي انتقام آهي، جيڪي ملوث نہ هئا انهن کي بہ ملوث ڪيو ويو

اسان قانون جي دائري ۾ رهي اهي ڪيسز وڙهنداسين ۽ کٽينداسين، بيگناهہ قيد ڪاٽيندڙن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي

راولپنڊي (م د) 9 مئي واقعن تي داخل ڪيسن مان بريت جي لاءِ شيخ رشيد جون درخواستون عدالت ٻڌڻي جي لاءِ منظور ڪري ورتيون. اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد طرفان 9 مئي سانحي جي واقعن تي 3 ٿاڻن ۾ داخل ڪيسن ۾ ثبوت پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

سڪرنڊ ۾ زهريلو ڪيرُ ۽ ڪاڏي پيتي وارين هوٽلن تي غير معياري شيون ٻيهر هلڻ لڳيون

هڪ لک کان مٿي آبادي زهريلو ڪيرُ ۽ هوٽلن جو غير معياري کاڌو انسان زندگي لاءِ نقصانڪار بڻيل

ڪيميڪل وارو ڪيرُ ۽ هوٽلن تي تيار ٿيندڙ سبزيون، گوشت سميت پيون شيون واپرائڻ تي مجبور

سخت قانوني قدم کڻي سنڌن هوٽلن، دوڪانن کي سيل ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيا وڃن : رهواسي

سڪرنڊ(رپورٽ راج ڪماراوڊ) سڪرنڊ شهر ۾ انساني زندگي لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل وارو زهريلو ڪيرُ ۽ ڪاڏي پيتي وارين هوٽلن تي غير معياري شيون ٻيهر هلڻ لڳيون .تعلقي سڪرنڊ انتظاميه مافيا آڏو گوڏا کوڙي ڇڏيا. سڪرنڊ شهر جي هڪ لک کان مٿي آبادي زهريلو ڪيرُ ۽ هوٽلن جو غير معياري کاڌو انسان زندگي لاءِ نقصانڪار بڻيل ڪيميڪل وارو ڪيرُ ۽ هوٽلن تي تيار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سڪرنڊ پرسان ڪٽڪ سرڪاري اگهه تي خريد نه ڪرڻ ۽ باردانو نه ملڻ خلاف مظاهرو

ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ مختلف ديهن جي آبادگارن جو گڏيل ٽن ڏينهن کان رات ڏينهن مسلسل ڌرڻو جاري

انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ، ٽائرن کي باهيون ڏئي سڪرنڊ محرابپور روڊ بلاڪ ڪيو ويو

نوٽيس وٺي آبادگارن جو مسئلو حل ڪيو وڃي ته اسان گاڏيون ڪاهي پنهنجي گهرن طرف وڃون : مظاهرين

سڪرنڊ : (رپورٽ راج ڪماراوڊ) پوري سنڌ جيان ڪٽڪ سرڪاري اگهه تي خريد نه ڪرڻ ۽ باردانو نه ملڻ خلاف سڪرنڊ پرسان ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ مختلف ديهن جي آبادگارن جو گڏيل ٽن ڏينهن کان رات ڏينهن مسلسل ڌرڻو جاري. فوڊ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ، ٽائرن کي باهيون ڏئي سڪرنڊ محرابپور روڊ بلاڪ ڪيو ويو مجيد ڪيريو فوڊ گودام اندر ٽن ڏينهن کان وڌي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سڪرنڊ: باردانو نه ملڻ خلاف آبادگار ۽ هاري ٽائر ساڙي احتجاج ڪري رهيا آهن

شهرين جو شرپسندن هٿان جان ۽ مال سميت زندگيون محفوظ ناهن : ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻ، اڳوڻي ايم اين اي ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو هڪ بيان جاري ڪندي چيو آهي ته ٺٽي شهر جي مشهور واپاري منصور حال ميمڻ جي شهر جي وچ دڪان تي ڪجهه شرپسندن حملو ڪري دوڪان ۾ پيل ڪيش رقم چورائڻ سميت دوڪان تي شرپسندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر ۾ آبادگارن کي باردانو نه ملڻ خلاف جي يو آءِ پاران احتجاجي ريلي

خوراڪ کاتي جي عملدارن جون مظاهرين سان ڳالهيون باردانو ڏيڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

سنڌ حڪومت جي حڪمن باوجود سکر سميت پوري سنڌ ۾ آبادگارن کي باردانو نه پيو ڏنو وڃي : مظاهرين

سياسي پنيرائي رکندڙ با اثر واپارين من پسند آبادگارن کي باردانو ڏنو پيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ آبادگارن کي باردانو نه ملڻ خلاف جي يو آءِ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ايف سي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويو، خوراڪ کاتي جي عملدارن جون مظاهرين سان ڳالهيون باردانو ڏيڻ جي خاطري بعد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: جي يو آءِ پاران باردانو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ خميسو لغاري ۾ جهيڙو، 12 زخمي

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ خميسو لغاري ۾ معمولي تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 12 زخمي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گلشن حديد مان پراسرار نموني گم باده واسي نوجوان جو جناح اسپتال مان لاش هٿ

پراسرار نموني گم باده واسي 22 ورهين جي نثار بڙدي جو تشدد ٿيل لاش جناح اسپتال مان مليو

دوستن ۽ پاڙي وارن وٽ ڳولا بعد بن قاسم ٿاڻي تي پهچي نوجوان جي اغوا ٿيڻ جو ڪيس داخل ڪرايو هو

ملير(ڊ ر) گلشن حديد مان پراسرار نموني گم باده واسي نوجوان جو جناح اسپتال مان لاش مليو گهر ۾ ڪهرام .وارثن ڪجهه ڏينهن اڳ نوجوان جي اغوا جو ڪيس بن قاسم ٿاڻي تي داخل ڪرايو هو. تفصيل موجب گلشن حديد مان ڪجهه ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم باده واسي 22 ورهين جي نثار بڙدي جو تشدد ٿيل لاش ڪالهه جناح اسپتال مان مليو آهي ان حوالي سان نوجوان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پوليس پڪٽون قائم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي : ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان

فني خرابي سبب بند ٿيل سي سي ٽي وي ڪئمرائون لڳائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي

ڏوهن جي خاتمي لاءِ پوليس فورسز جي نفري کي وڌائڻ لاءِ لکت ۾ گهرو کاتي کي رپورٽ ڏني وئي آهي

آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي هدايتن تحت منشيات خلاف آپريشن جو سلسلو منشيات جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندو

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفر علي بروهي) ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد امداد علي شاهه چيو آهي ته علائقي ۾ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ اڄ کان فني خرابي سبب بند ٿيل سي سي ٽي وي ڪئمرائون لڳائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي ، اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس کي مخاطب ٿيندي ڪيو. هن چيو ته ڏوهن جي خاتمي لاءِ پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سڪرنڊ : ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس

پهرين مرحلي ۾ ٽرانسجيندر بغير ڪنهن خوف جي نادرا مان پنهنجا شناختي ڪارڊ ٺهرائين : ڪمشنر

سنڌ صوبي ۾ ٽرانسجيندرن کي ڪائونسلر جي سيٽ ڏني وئي آهي جنهن جو مقصد انهن کي اڳتي اچڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي

ضلعي ۾ موجود ٽرانسجيندرن جي رجسٽريشن لاءِ اڳتي اچي ۽ ڪين سنڌن حقن بابت آگاهي فراهم ڪري

سڪرنڊ (رپورٽر راج ڪماراوڊ) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد يوسف مجيدانو جي صدارت هيٺ ٽرانسجيندرن جي رجسٽريشن جي حوالي سان هڪ اجلاس سنڌس آفيس ۾ ٿي گذريو ان موقعي تي اجلاس کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوابشاهه: ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظير آباد اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سانگهڙ پرسان اوطاق تي ويٺل همراهه قتل، سڄل چانديو کي نامعلوم هٿياربند فائرنگ ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويا

سانگهڙ(رپورٽر منٺار علي رند) سانگهڙ ويجهو منگلي ٿاڻي جي حد جي علائقي ورڪشاپ شهر جي اجالا ٽائون ۾ اوطاق ۾ ويٺل سڄل چانديو کي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي منگلي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کڻائي اسپتال منتقل ڪيو ,جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پريا ۾ ووڻن جي پوکي بابت زرعي سيمينار، زرعي ماهرن ۽ آبادگارن جي شرڪت

شان ڪاٽن فيڪٽري ۾ ووڻن جي پيدار بهتر ڪرڻ خاطر(نج ٻج) جي موضوع تي زرعي سيمينار منعقد ڪيو ويو

زرعي زمينون ۽ ڪارخانا تباهه برباد ٿي ويا ، انهن جي نئين سر تعمير ۽ ترقي لاءِ عوام پاڻمرادو ميدان ۾ آيو : اڳواڻ

ڪاٽن انڊسٽري کي ٻيهر جيا ريو وڃي سنڌ ۾ سوين ڪارخانا بند ٿي ويا آهن انهن ڪارخانن کي هٿي وٺرائي وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) پريا ۾ ووڻن جي پوکي بابت زرعي سيمينار زرعي ماهرن ۽ آبادگارن جي شرڪت : ڪاٽن جو نج ٻج ووڻن جي سٺي پيداوار جي ضمانت آهي ڪاٽن جنرس اڳواڻ : پريم چند ڪرهستاني ۽ ٻيا رپورٽ موجب پريا جي شان ڪاٽن فيڪٽري ۾ ووڻن جي پيدار بهتر ڪرڻ خاطر(نج ٻج) جي موضوع تي زرعي سيمينار منعقد ڪيو ويو. ان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ملير : ڪتابن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان عوامي پريس ڪلب ۾ تقريب

دنيا ۾ اڄ ڪتابن جي اهميت تي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي جيڪي قومون علمي ادبي معاشي ۽ تحقيقي ڪتابن جو مطالعو نٿيون ڪن : اڳواڻ

اهي دنيا جي ترقي آزادي خوشحالي ۽ بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جي رستن تان ٽڙي بدترين غلامي جي ورچڙهي وڃن ٿيون

دنيا ۾ صحافت جي آزادي، ڪتابن، ڌرتي، ثقافت، زبان ۽ قومن جي حوالي سان جيڪي به ڏهاڙا ملهايا وڃن ٿا

ملير(رپورٽ فاروق پنگوار) ڪتابن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان عوامي پريس ڪلب ملير پاران پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ لائبريرين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي خليل راڏيلو تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته دنيا ۾ اڄ ڪتابن جي اهميت تي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي جيڪي قومون علمي ادبي معاشي ۽ تحقيقي ڪتابن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ملير: ڪتابن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪوٺايل تقريب کي مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

جلد سمال سيف سٽي پروجيڪٽ جو ڪم شروع ڪيو ويندو : ڊي ايس پي

ماتلي(رپورٽر) ضلعي چئرمين بدين علي اصغر هاليپوٽو جو ماتلي ڊي ايس پي آفيس پهچي هلندڙ پروجيڪٽ سيف سٽي جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊي ايس پي ماتلي غلام فريد جت پاران بهترين طريقي سان بريفنگ ڏيندي چيو ته هن وقت 39 ڪيمرائون ماتلي شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن ۽ چوڪن تي نصب ٿيل آهن جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران احتجاجي مظاهرو

ڪوهستاني پٽي جي زمينن تي والار بعد هاڻي تاريخي ماڳ محفوظ ناهن رهيا : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي تاريخي ماڳن تان قبضا ختم ڪري ماڳن کي محفوظ بڻايو وڃي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي جي تاريخي ماڳن پنهور، ڪينجهر ڍنڍ ۽ مڪلي قبرستان جي زمينن تي قبضن خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي ٺٽو پاران ايڊي سينٽر کان پريس ڪلب ٺٽو تائين احتجاجي ريلي ڪڍي قومي شاهراهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: ايس ٽي پي پاران تاريخي ماڳن تي قبضن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنجهورو پرسان معصوم ٻار پاڻي جي حوض ۾ ٻڏي فوت

گلن جهڙو معصوم شهزادو حماد مال واري حوض جي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

واقعي بعد سنڌس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ،پورو پاڙو سوڳوار بڻجي ويو

سانگهڙ (رپورٽر:منٺار علي رند) سنجهوري شهر جي وارڊ نمبر 06 جي راجپوت پاڙي ۾ پنجاب مان مهمان ٿي آيل 3 سالن جو نينگر ، حماد ولد عمير راجپوت مبينا طور پاڻي جي حوض ۾ ڪري ٻڏي ٻڏي فوت ٿي ويو آهي ، فوتي نينگر عيد ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

صوبائي وزير شاهينه شير علي ايس ايڇ او جي پٽ پاران عورتن تي تشدد جو نوٽيس

صوبائي وزير پوليس ۽ ايس ايڇ او گهارو انور شر جي پٽ پاران عورتن تي تشدد بابت تفصيل معلوم ڪيا

تشدد ۾ ملوث اهلڪارن کي گرفتار ۽ ايس ايڇ او گهارو انور شر کي معطل ڪيو ويو آهي : ايس ايس پي ٺٽو

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) عورتن جي ترقي ۽ ڀلائي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي گهارو پوليس جي ايس ايڇ او جي پٽ پاران عورتن تي تشدد ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر : روهڙي سرڪل ۽ سکر ٽائون جي مشترڪ ڪارروائي

ڪارروائي دوران هڪ منشيات فروش گرفتار، هيروئن ۽ چرس هٿ ، ڪيس داخل

سنڌ کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ جي عزم تحت ڪارروائيون جاري آهن : عملدار

سکر(رپورٽر)امداد علي گل ڪلوڙ شهر کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ جي عزم تحت ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس روهڙي سرڪل ۽ سکر ٽائون جي مشترڪ ڪارروائي ، هڪ منشيات فروش گرفتار هيروئن ۽ چرس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسلام آباد ۾ ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو جاري رهندو

سنڌي ٻولي جا ڪتاب، ناول، افسانا، شاعري، اردو اسپيلنگ پڻ شامل

ڪتابي ميلي مان فائدو حاصل ڪن، علم کانسواءِ دنيا ۾ رهڻ حرام آهي : اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽر) نمل يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو پبليڪيشن پاڪستان پاران سڀاڻي 24 اپريل ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز: نمل يونيورسٽي اسلام آباد پاران لڳايل ٽن وارو ڪتابي ميلو

ٺٽي جي شيرازي محلا جي رهواسي رفيق مارواڙي پاران احتجاج

اسان پنهنجي ملڪيت ٽن پينرن ۽ هڪ ڀاءُ جي حساب سان ورهاست ڪئي آهي : مظاهرين

منهنجي مٿان سخت تشدد ڪيو ويو آهي، اسان ڪيترائي ڀيرا چڱن کي دانهون ڏنيون آهن

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي شهر جي شيرازي محلا جي رهواسي رفيق مارواڙي سنڌس ڀن پينرن شرين ۽ ريحانا سان گڏ پريس ڪلب ٺٽو ۾ صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته سنڌس ابائي ملڪيت ٺٽي شهر ۾ موجود آهي. جنهن ۾ گهر ۽ ڪجه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽو: شيرازي محلا واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

قتل ڪيس ۾ مک جوابدار گرفتار نه ٿيڻ پوليس جي نااهلي آهي : مظاهرين

بااثر قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ، قاتلن کي هاڻي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ سکر جي بهادر شهيد رپورٽر جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج . جلوس ، مظاهرو ، چيف منسٽر هائوس آڏو احتجاج جو چتاءُ . خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ سکر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مورو شهر جي پورهيت نوجوان تي قاتلاڻو حملو، احتجاج

منهنجي ساهرن مونکي پنهنجي پٽ جي ٻهاني سان گهرايو جتي مون مٿان حملو ڪيو : رياض نول

ساڳين ئي جوابدارن پويان اسان جي گهر ۾ گهڙي اسان جي عورتن کي هراسان ڪيو

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) مورو شهر جي پورهيت نوجوان رياض نول مٿان قاتلاڻو حملو نوجوان پورهيت رياض نول پنهنجي ڀاءُ آصف نول سان گڏجي دانهيندي چيو آهي ته مان هوٽل تي بيرو آهيان ۽ غريب مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: تشدد جو شڪار ٿيل پورهيت رياض نول انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

محرابپور ۾ ڊي ايس پي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي

منشيات جي لعنت نوجوان نسل کي تباهه و برباد ڪري رهي آهي : اڳواڻ

شهر ۾ ڪٿي به منشيات وڪرو ٿيندي ڏسن ته اسان کي اطلاع ڏين

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور ۾ ڊي ايس پي محرابپور اظهار حسين لاهوري، ايس ايڇ او محرابپور راجا نويد سرفراز جي قيادت ۾ منشيات خلاف جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او جي قيادت ۾ منشيات خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ 12 سالا نينگر سان جنسي ڏاڏائي، جوابدار فرار

جوابدارن مارڪيٽ ڪرڻ بعد مون تي پستل رکي زيادتي جو نشانو بڻايو : نينگر

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ 12 سالن جي نينگر مهتاب انڙ سان زبردستي جنسي ڏاڏائي جوابدار فرار تفصيل موجب بدين شهر جي وارڊ نمبر 8 جو رهواسي 12 سالن جو مهتاب انڙ جنهن جو والد سنڌ رينجرز ۾ سپاهي هو ۽ هڪ سال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ترڪول بلاڪ ٿر تي ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڏئي تيار ڪيل 14 ٿري نوجوانن جي مان ۾ تقريب

تقريب ۾ اي ڊي سي ون ٿرپارڪر ڀڳوانداس سوٿهڙ،حبڪو پاور پلانٽ جي مئنيجر سليم قريشي سميت نوجوانن جي والدين جي شرڪت

نوجوانن کي ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڏيڻ واري انگ ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ آئي ٽي جي به سکيا ڏني وڃي، ٿر ۾ وڏو ٽئلنٽ موجود آهي : اڳواڻ

180 نوجوانن کي ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڏئي تيار ڪيو اڄ اهي نوجوان پوري ملڪ ۾ مختلف هنڌن تي ڪم ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) ترڪول بلاڪ ٿر تي ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڏئي تيار ڪيل 14 ٿري نوجوانن جي مان ۾ تقريب. خبرموجب:ترڪول بلاڪ ٿر تي ڪم ڪندڙ حبڪو ڪمپني طرفان ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڏئي تيار ڪيل 14 ٿري نوجوانن جي مان ۾ تقريب ڪوٺائي وئي.تقريب ۾ اي ڊي سي ون ٿرپارڪر ڀڳوانداس سوٿهڙ،حبڪو پاور پلانٽ جي مئنيجر سليم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ آل سنڌ ايريگيشن ايمپلائيز فيڊريشن جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

فيڊريشن جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اقبال لاڙڪ جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

مزاحمت تي سرعام ڏينهن ڏٺي قتل ڪيو ويو پر افسوس آهي جو اڃا تائين پوليس ڪک پچي ٻيٽو ناهي ڪيو : مظاهرين

اقبال لاڙڪ جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي ٻيءَ صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) آل سنڌ ايريگيشن ايمپلائيز فيڊريشن جي سڏ تي ڪجه عرصو اڳ اسڪراپ ڪالوني ۾ قتل آل سنڌ ايريگيشن ايمپلائيز فيڊريشن جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اقبال لاڙڪ جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف سوين ملازمن احتجاجي ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ملازمن آل سنڌ ايريگيشن ايمپلائيز فيڊريشن جي مرڪزي صدر عبدالرحيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز: آل سنڌ ايريگيشن ايمپلائيز فيڊريشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ نوجوان ناري تي حملو جو خدشو، تحفظ جي گهر

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفرعلي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد جي رهواسي نوجوان ناري 19 سالا مومل سنڌس گهر واري فتح خان لغاري مٿن قاتلاڻا حملن جي خدشن جي ڪري اعلى اختيارين کان حياتين جي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي . ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد جي رهواسي 19 سالا نوجوان ناري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

موسمياتي تبديليءَ زراعت تي پنهنجا اثر ڇڏي رهي آهي : غلام قادر چانڊيو

رياست جي اها ذميواري آهي ته هو آبادگارن کي وڌ کان وڌ سهولتون ڏئي ڪٽڪ جي باردانو جو وڏو مسئلو رهيو آهي

سيمينار منعقد ڪرڻ جو مقصد پڻ اهو آهي ته آبادگارن کي زرعي ماهرن پاران موثر ڄاڻ ڏني وڃي

ڪوشش آهي ته آبادگارن جي ۾ وڌ خدمت ڪيون 2022ع ۾ آيل ٻوڏ ڪانپوءِ متاثر آبادگارن کي سبسڊي ڏني وئي

... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوابشاهه: پ اڳواڻ غلام قادر چانڊيو ۽ ٻيا سيمينار کي خطاب ڪري رهيا آهن

نئون ديرو ۽ ڀرپاسي ۾ بدامني زور ورتي، ڦورو ڏينهن ڏٺي جو ديده دليري سان ڦرلٽ ڪرڻ ۾ مصروف

... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سوئي گيس ڪمپني اسٽيل مل جي رهائشي ڪالوني اسٽيل ٽائون جي گيس بحال نه ڪئي

انتظاميا رهائشي ڪالوني تي 11 ڪروڙ جون رهتون ادا نه ڪرڻ جو جواز بڻائي گيس فراهمي بند ڪري ڇڏي

پورهيتن کي اسٽيل ٽائون مان لڏائڻ لاءِ گيس بند ڪئي وئي آهي، روزانو گيس بند ڪئي پئي وڃي : رهواسي

ملير(ڊ ـ ر) سوئي گيس ڪمپني اسٽيل مل جي رهائشي ڪالوني اسٽيل ٽائون جي گيس بحال نه ڪئي، رهواسي ڪاٺيون ٻارڻ تي مجبور احتجاج. گيس ڪمپني انتظاميا رهائشي ڪالوني تي 11 ڪروڙ جون رهتون ادا نه ڪرڻ جو جواز ٺاهي گيس فراهمي بند ڪري ڇڏي. اسٽيل ٽائون جي رهواسين احتجاج ڪندي چيو آهي ته 2015 کان اسٽيل مل بند آهي اسٽيل مل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ نوجوان ننهن کي سهري ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو

جوابدار سهري ننهن انوشا محمداڻي کي فون تي ڳالهائڻ تان ڌمرجي ڪهاڙين جا وار ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو

واقعي جو اطلاع ملندي ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي عورت کي سول اسپتال کڻائي وئي

ناري زخمن سور نه سهندي فوت ٿي وئي، پوليس قانوني ڪاروائي ڪري لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي نئين تعلقي بچل شاهه مياڻي ۾ دل ڏڪائيندڙ واقعيو پيش آيو نوجوان ننهن کي سهري ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو مقتولا جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ان سلسلي ۾ سکر جي ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد بچل شاهه مياڻي جي آصف ڪالوني شيخ محلا جي پرسان رات دير سان سهري عرض محمد محمداڻي پنهنجي ننهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان مان بدامني منشيات سماجي برائين جي خاتمي لاءِ احتجاجي ڌرڻي جو اعلان

بدامني منشيات سماجي برائين جي خاتمي لاءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي 29 اپريل تي احتجاجي ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو

بدامني منشيات سماجي برائين سبب خوف هراس واري صورتحال آهي، واپاري طبقو ڦرن چورين سبب پريشانين ۾ مبتلا آهي : اڳواڻ

29 اپريل اسٽيشن روڊ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري قليلي روڊ تي طويل احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفرعلي بروهي) ٽنڊو محمد خان مان بدامني منشيات سماجي برائين جي خاتمي لاءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي 29 اپريل تي احتجاجي ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي . خبر موجب سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان: ايس ٽي پي اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناري ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

شڪارپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، منشيات سپلائي ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام، ٻين الصوبائي منشيات فروش گرفتار

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، منشيات سپلائي ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام، ٻين الصوبائي منشيات فروش گرفتار، 20 ڪلو 50 گرام چرس هٿ. ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون جي حڪم تي منشيات خلاف ڪارروائي لاءِ مدئجي ٿاڻي جي ايس ايڇ او سب انسپيڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين جي سامونڊي پٽي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو

مختلف علائقن ۾ ڇهن مهينن کان پيئڻ جو پاڻي نه هجڻ ڪري علائقي ۾ ڏڪار واري صورتحال برپا

گولاڙچي سميت ضلعي بدين جي ساحلي پٽي ۾ ڇهن مهينن کان پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ آهي : رهواسي

سڄي تعلقي گولاڙچي کي پيئڻ ۽ زراعت جو پاڻي فراهم نه ڪيو ويو ته زبردست احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ضلع جي سامونڊي پٽي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو، علائقي ۾ ڏڪار واري صورتحال، ايس يو پي ۽ جي ڊي اي پاران احتجاجي تحريڪ جو چتاءُ تفصيل موجب احمد راجو سميت گولاڙچي جي ساحلي پٽي جي مختلف علائقن ۾ ڇهن مهينن کان پيئڻ جو پاڻي نه هجڻ ڪري علائقي ۾ ڏڪار واري صورتحال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪڍڻ مان واپاري احمد ڪتي کان هٿيارن جي زور تي ڏهه لک روپيا ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار

ڪجهه ڏينهن اڳ واپاري احمد ڪتي کان هٿيارن جي زور تي جوابدار ڏهه لک روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا : ڊي ايس پي

جوابدارن ۾ مرتضيٰ چانڊيو، دوست علي چانڊيو، رشيد چانڊيو، فرمان چانڊيو، ذوالفقار چانڊيو، امداد زرداري، علي شير زرداري شامل آهن

متاثر واپاري احمد ڪتي ۽ پيپلزپارٽي اڳواڻ حاجي شير جمالي ۽ واپاري سياسي مذهبي شخصيتون پڻ موجود هيون

ڪڍڻ (رپورٽر: محرم علي ملاح) ڪڍڻ شهر مان ڪجه ڏينهن اڳ واپاري احمد ڪتي کان هٿيارن جي زور تي ڏهه لک روپيا ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار ٿيڻ کان پوءِ ڊي ايس پي بدين شهزاد سومرو ايس ايڇ او ڪڍڻ مير محمد ڪلوئي سان گڏ ڪڍڻ ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ڪجهه ڏينهن اڳ واپاري احمد ڪتي کان هٿيارن جي زور تي جوابدار ڏهه لک روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪڍڻ: ڊي ايس پي بدين شهزاد سومرو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ميهڙ پرسان ڦرواري واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

ميهڙ(رپورٽر) ميهڙ 2 ڏينهن اڳ ميهڙ فريدآباد روڊ تي فريدآباد ٿاڻي جي حد مان ڦرواري واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ آصف رضا پنهور ، ياسين پنهور ، اشرف پنهور ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي چيو ته ميهڙ ۾ بدامني وڌي وئي آهي ٽن هٿياربندن 2 ڏينهن اڳ ميهڙ فريدآباد روڊ تي ڏينهن ڏٺي جو سرعام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 24 اپريل 2024ع

ايراني صدر جو دورو ۽ اُن سان لاڳاپيل اُميدون

ايراني صدر ٽن ڏينهن جي دوري تي ڪالهه پنهنجي وفد سان پاڪستان پهچي چڪو آهي، جتي واپار، معيشت، سرحدي معاملن ۽ ٻين مسئلن تي ڳالهيون ٿيڻيون آهن. هن وقت جڏهن عالمي سطح تي ايران- اسرائيل تڪرار سبب اڳ ۾ ئي واضح صفبندي ۽ پولرائيزيشن آهي. اهڙي ماحول ۾ ايراني صدر جو پاڪستان جو دورو انتهائي اهميت رکندڙ آهي ۽ سڄي دنيا جون نگاهون هن اهم تاريخي دوري تي آهن. ايراني صدر جي دوري ۾ پاڪ- ايران واپار، جيڪو هن وقت 2 ارب ڊالر آهي، ان کي پنجن سالن ۾ 10 ارب ڊالر تائين وڌائڻ وارو عزم، هڪ بهتر قدم آهي. ان سان گڏ چڪتاڻ وارن ٻين مسئلن جي نبيري جو پڻ امڪان آهي. ايراني صدر جي دوري سان خطي ۾ بهتريءَ جون هوائون گهلي سگهن ٿيون. پر شرط اهو آهي ته پاڪستان، آمريڪي دٻاءَ کي برداشت ڪرڻ جي سگهه ۽ حوصلو رکي ۽ عالمي طاقتن جي دٻاءَ ۾ اچڻ بدران پنهنجي ملڪي مفاد موجب فيصلا ڪري. اهو شرط ايران سان پڻ لاڳو ٿئي ٿو، پر ايران وٽ وڃائڻ لاءِ باقي ڪجهه به ناهي بچيو. ايران اڳ ۾ ئي سخت عالمي پابندين کي ڀوڳي رهيو آهي ۽ اهو انهن حالتن ۾ به منهن ڏيندو اچي.

ايراني صدر جي پاڪستاني دوري سان تمام گهڻيون اميدون وابسته آهن ۽ امڪان اهو آهي ته ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ جيڪا ڪئين سالن کان چڪتاڻ رهندي آئي آهي، ان ۾ گهٽتائي ايندي. ٻنهي ملڪن جو اهم مسئلو واپار ۽ دهشتگرديءَ جو آهي. پاڪستان، ايران جي سرزمين پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ جو الزام هڻندو رهيو آهي ۽ ان لاءِ ڀارتي جاسوس ڪلڀوشڻ جي ايران مان سرگرميون ڪرڻ جو مثال ڏنو ويندو آهي. ان کانسواءِ پاڪستاني علحدگي پسندن جي ايران ۾ موجودگي ۽ اتي جي سرزمين استعمال ڪرڻ جي پڻ ڳالهه ٿيندي رهي آهي. جڏهن ته ايران پاڪستاني بلوچستان مان ايران مخالف دهشتگرد تنظيمن جي ايران خلاف ڪارروايون لاءِ پاڪستاني سرزمين جي استعمال جا الزام هڻندو رهيو آهي. ايراني صدر جي تازي دوري دوران ان معاملي تي ڳالهيون بهتريءَ وارا نتيجا ڏئي سگهن ٿيون. هونئن به پاڪستان ۾ دهشتگردي وڏو مسئلو آهي ۽ الهندي سرحد وارن پاڙيسرين سان لاڳاپا بهتر ڪري ان دهشتگرديءَ کي گهٽائي سگهجي ٿو.

ايراني صدر جي پاڪستاني دوري سان آمريڪا جي ڪاوڙ وڌندي نظر اچي پئي، جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته اها عالمي طاقت پاڙيسرين سان پاڪستان جي سڄاءَ ۽ بهتر لاڳاپن جي حق ۾ ناهي. ان جو مقصد اهو آهي ته پاڪستان کي اڪيلو ڪري بيوس بڻائي پنهنجو محتاج رکجي. ان ڪري پاڪستان کي پنهنجي ملڪي مفادن کي نظر ۾ رکي فيصلا ڪرڻ گهرجن. ڏکوخطي جا ملڪ پاڻ ۾ واپار کي وڌائين ته به گهڻو فائدو پهچي سگهي ٿو. ائين به ڪونهي ته ماضيءَ ۾ اهڙيون ڪوششون ناهن ٿيون، پر جڏهن به اهڙيون ڪوششون ٿيون آهن، ڪا بهتر اڳڀرائي ٿي آهي ته ان کي "تارپيڊو" ڪيو ويو آهي. آمريڪا پاڪ - ايران گئس پائيپ لائين جي راهه ۾ رنڊڪ بڻيل آهي. هر ان قدم ۾ رڪاوٽ وڌي وڃي ٿي، جيڪو خطي ۾ بهتريءَ جي ڪا اميد ڪٿي اچي ٿو. پاڪستان ۽ ايران نه صرف به پاڙيسري، برادر اسلامي ملڪ آهن پر ثقافتي لحاظ کان به اهي ڳنڍيل آهن. ٻئي ملڪ شروع کان وٺي بهتر لاڳاپن ۽ تعلق ۾ رهيا آهن. جنهن جو مثال آر سي ڊي نالي اتحاد هو. ان ترقياتي اتحاد ۾ پاڪستان سان گڏ ترڪي ۽ ايران شامل هئا، جن جي ترقياتي رٿا ۾ سهڪار ۽ شراڪتداري هئي. هن وقت ايران آمريڪي عتاب هيٺ آهي. اهو عالمي پابنديون ڀوڳي رهيو آهي. هتي عالمي پابندين جو مطلب آمريڪا بهادر جي ناراضگي ۽ ان جي طرفان پابنديون تي دنيا جي ٻين ملڪن کان عمل ڪرائڻ آهي. جنهن کي عالمي پابندين جو نالو ڏنو ويو آهي. اهو بلڪل ائين آهي جيئن اسان جي ملڪ آمريڪا جي مفادن جي جنگ، دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ جي نالي ۾ وڙهي ۽ نتيجي ۾ پاڪستان دهشتگردي جو ميدان بڻجي ويو. اسان رڳو غيرنيٽو اتحادي واري "اعزاز" ۾ ئي خوش هئاسين. جيئن ته هن وقت ايران عالمي پابندين کي ڀوڳي رهيو آهي ۽ پاڪستان، جيڪو هڪ ائٽمي قوت آهي پر اهو معاشي ڏيڻ ۾ قاتل آهي. ٻنهي ملڪن جي ويجهڙائي ۽ سهڪار ٻنهي جي مفادن ۾ آهي. ان ڪري ٻنهي ملڪن کي ان دوري واري تاريخي موقعي مان فائدو وٺڻ گهرجي.

موسمياتي تبديليون ۽ ملڪي معيشت

رياض ابڙو

ڇا اسان پنهنجي عوام ۽ معيشت تي موسمياتي تبديلين جي ڪري ٿيل ۽ ٿيندڙ نقصان کي گهٽائڻ جو ڪولاڳيتو منصوبو يا ڪا ڊگهي پلاننگ ڪري سگهون ٿا. يا ڪري رهيا آهيون؟ ڇا اسان جا ڊزاسٽر مينيجمينٽ جهڙا ادارا ڪجهه ڪري سگهڻ واري ڪا ڳالهه ڪري سگهن ٿا؟ يا اسان ماضيءَ جي سبقن مان ڪجهه هڙ به حاصل ڪري سگهون ٿا؟ ڇو ته گذريل اونهاري ۾ آيل ٻوڏن جي ڪري ٿيل جاني ۽ مالي نقصان اسان جي اقتصادي رٿابندي ۽ معاشي منصوبابندي جو هڪ بيڪار بنياد وڌو. يا ائين چئون ته انهن ٻوڏن ماڻهن جي روزگار جا ذريعا ختم ڪيا ۽ بدحال معاشيات جا انديشا وڌايا ۽ ترقي جا سڀ آثار ئي ٻوڙي ڇڏيا جو ماڻهن جو جيئي الهه تلهه لڙهي ويو اتي انهن جي روزگار ۽ ڪمائي جا وسيلا ۽ ذريعا به جهڪا ٿيندا رهيا ۽ هلندي هلندي مورڳو ئي ختم ٿي ويا.

اسان ڄاڻون ٿا ته چوماسي پنهنجو "اسپيل" ۽ عرصو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. برسات جا وقت به تبديل ٿي ويا آهن. بارشن جا هنڌ ۽ مقدار به اڻ ڪٿيل ٿي پيا آهن. جتي بارشون ٿين ٿيون اتي ان اندازي ۽ ڪٿ کان وڌيڪ پئجي ٿيون وڃن يا هڪ لحاظ کان اهو سڀ وڌيڪ غيرمتوقع ٿي ويو آهي ته جتي سوڪهڙو هوندو هيو اتي اتي بارشون ٿي رهيون آهن. 2022 ۾ اسان ڏٺو ته ميداني علائقن ۾ ٻوڏن دريائن جي ٻوڏ کان وڌيڪ تباهي آندي. وري سال 2023 ۽ 2024 ۾ به اڻ ڪٿيل بارشون وسي پيون جن ڪي پي ۽ بلوچستان جي گوادر جهڙن علائقن ۾ تباهيون آنديون. جڏهن ته مارچ جي شروعات ۾ ڳڙي وارين بارشن ۽ گوادر جي علائقن ۾ ٻوڏن ۽ ڪي پي جي علائقن جي ماڻهن جا جاني ۽ مالي نقصان ان ڳالهه جا انديشا آهن ته هيل به ماڻهن جا حال بدحال ٿي هوندا ان ڪري 2024 جي سال ايندڙ بارشن جي لاءِ ڪجهه اهم احتياط ۽ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. موسم اسان کي هڪ موقعو ۽ وٿي فراهم ٿي ڪري ته اسان جي ٻوڏ جي دستورن ۽ تبديل ٿيندڙ "اسپيل" کي پيهر سمجهون ڇو ته ان رفتار سان ٿيندڙ بارشون ترقياتي منصوبابندين جي بنيادن کي لوڙهي ۽ تباهه ڪري سگهن ٿيون.

2022 ۾ اسان آبهوا جي ٽن خطرن جي باري ۾ ڏٺو. مثال هڪ ته ڪنهن به وقت بارش ٿي سگهي ٿي ۽ وري پيهر ٿي سگهي ٿي. ٻه ساڳئي ترتيب ۾ نه. ٽيهريون ته غيرمعمولي تيز برساتن جي حد تبديل ٿي وئي آهي ۽ ايندڙ ٻوڏ جي تياري لاءِ اعتماد جوڳي منصوبابندي جا گهربل اپاءَ ۽ اوزار موجود ناهن. سال 2022 جي موسمياتي تبديليءَ پاڪستاني تاريخ ۾ هڪ وڏي تباهي آندي. جنهن گرمي جي لهرن ۽ برفاني طوفانن جي گڏيل اثرن ۽ انفراسٽرڪچر کي ڊوئي ڇڏيو. گلگت بلتستان کي ملڪي تاريخ جو هڪ نئون سيلابي مرڪز بڻجي پيو. بارشون پنهنجي روايتي رستي تي هلڻ بدران هندستاني گجرات ۽ راجستان کان سڌو اپر سنڌ ۾ پهتيون. اسان ڏٺو ته غير دريائي ٻوڏ سنڌ جي وڏي حصي تي بدترين ٻوڏ جو سبب بڻي. اسان ڏٺو ته برساتون جيڪي ساحلي علائقن ۾ شروع ٿيون. اهي ڪراچي ۾ شهري ٻوڏ جو سبب بڻيون. جن انفراسٽرڪچر کي تباهه ڪري ڇڏيو. اسان ڏٺو ته ٻوڏ جو پاڻي ڪوهه سليمان کي پار ڪري ڏکڻ پنجاب ۽ ڪيرٿر جي حد تائين فصلن، گهرن ۽ انفراسٽرڪچر کي تباهه ڪيو. ڪي پي ڪي ۾ نوشهره جي اپ اسٽريم ۾ بادل ڦاٽڻ سبب دريائن ۾ ٻوڏ اچي وئي. جڏهن ته منگلا ۽ تربيلا ڊيم به ڀرجي ويا ۽ پنجاب جي اڪثر علائقن ۾ سنڌوءَ سان گڏ تيز برسات سان گڏ ٻوڏ رڪارڊ ڪئي وئي. ان وقت پاڪستان نيشنل فلڊ پروٽيڪشن پلان-4 تحت 800 بلين رپين کان وڌيڪ جي سيڙپڪاري جي منصوبابندي ڪري رهيو هو. جنهن جو تصور 2010 جي دريائي ٻوڏ کانپوءِ ڪيو ويو هيو.

موسمياتي ماهرن ۽ پاليسي سازن اها ڳالهه باور ڪرائين ٿا ته پاڪستان دنيا جي سيني ملڪن کان وڌيڪ ڪمزور ملڪ آهي. تنهن ڪري ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي ۽ اسان هڪ مستقل عدم تحفظ جي حالت ۾ رهڻ لاءِ تيار آهيون يا موسمن هٿان برباد ٿيڻ وارا آهيون. ڇو ته بار بار آفتن جو اچڻ هر دفعي هڪ نئين مصيبت کي منهن ڏئي ٿو. عالمي ماليات، نون قرضن تي اميدون رکڻ يا محدود مالياتي وسعت جي پويان لڪڻ بدران، پاڪستان کي گهرجي ته ماحولياتي تبديلي ۽ ترقي کي هڪ ئي سکي جا ٻه پاسا سمجهي. سڀ ترقياتي منصوبا ۽ سيڙپڪاري ڪجهه پراڻن طريقن کي تبديل ڪندي هڪ نئين حڪمت عملي کي هٿي ڏئي. عام طور تي بهتر حڪومتون اسان کي آفتن جي خطري جي منصوبابندي ۽ موسمياتي لچڪ جي لاءِ بااختيار بڻائڻ جي قابل بڻائين ٿيون. پاڪستان ۾ جمهوريت جي منتقلي جي باوجود، پاليسي سازي مرڪز کان به متاثر ٿيندي رهي ٿي.

سمورا فيصلا وفاقي يا صوبائي سطح تي ڪيا ويندا آهن. مقامي حڪومتون اڄان تائين پروسي لائق ناهن رهيون يا انهن کي ڪميونٽي جي اڳواڻي ۾ ترقي يا انهن جي موافقت جا منصوبا شروع ڪرڻ جي ذميواري نه ٿي ڏني سگهجي. انهن جا ڪم صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر سنڀالي وٺندا آهن. جنهن تحت حڪومتون پنهنجي من پسند ميمبرن جا منصوبا منظور ڪنديون آهن. انهن مان اڪثر اسڪيمون اشرافيا جي قبضي کي ظاهر ڪن ٿيون ۽ هڪ ٻئي سان يا قومي صوبائي ترجيحن سان جڙيل نه آهن. اهي گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن مقامي يا زونل ڊولپمينٽ پلاننگ جو حصو هوندا آهن. پر اڪثر پروجيڪٽ جي منظوري، خريداري ۽ مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ تائين سيني مرحلن تي غير شفاف ۽ فضول ٽرانزيڪشن کي ظاهر ڪن ٿا. اهي اڪثر ڪري حڪومت جي تبديلي ڪانپوءِ سالن تائين نامڪمل رهجي ويا آهن. ان افسوسناڪ عمل جي شروعات جنرل ضياءالحق ڪئي. جنهن غير جماعتي بنيادن تي چونڊيل پارليامينٽ جي ميمبرن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪجهه غيرضروري شين جي چنڊ ڇاڻ ڪئي. پيپلزپارٽي، مسلم ليگ نون ۽ پي ٽي آءِ جي ايندڙ حڪومتن انهن "ترقياتي" اسڪيمن سان وفادارين خريد ڪرڻ جو سلسلو جاري رکنديون.

مقامي انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري جو هي نمونو مڪمل طور تي بي ترتيب ۽ ناقابل پيداوار آهي. مصالحت ۽ موافقت ۾ حصو وٺڻ کان پري آهي. توڙي جو پاڪستان جي ٻهراڙيءَ ۽ شهري علائقن ۾ موسمي تبديليءَ ۾ اضافو ٿيو آهي ان ڪري پاليسي جي منصوبا بندي ڪميونٽي جي سطح تي موسمياتي لچڪ فراهم نه ٿي ڪري سگهي. 1990 واري ڏهاڪي جي شروعات کان وٺي مسلسل سياسي حڪومتون پاليسيون رٿابندي ۽ وسيلن جي ورهاست کي جمهوري بڻائڻ ۾ ناڪام رهيون آهن. ناڪاري انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري اسان جي مستقبل کي موسمي خطرن ۽ آفتن جي حوالي ڪري ٿي ڇڏي. نقد رقم جي ادائگي، عالمي قرض ڏيڻ يا فنانسنگ جو ڪوبه تعداد "مڪينزم" تبديل نٿو ڪري سگهي. پيپن پاليسي پلاننگ دستاويزن، دستوري گڏجاڻين، خريداري ۽ تعميراتي معيارن تي نظرثاني ڪرڻ وارين ڳالهين. ميگا پروجيڪٽ جي اڳواٽي ڪرڻ کان پري رهڻ ۽ پلاننگ ڪميشن مقامي سطح جي اسڪيمن ۽ منصوبن کي منظم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار گهٽائي ڇڏيو آهي. تعجب جي ڳالهه آهي ته ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 1260 نامڪمل عوامي شعبي جي ترقياتي منصوبن جو هڪ اندازي مطابق قيمت 6.2 ٽريلين رپيا آهن. نتيجو هڪ لچڪ پيدا ڪرڻ بجاءِ هن ملڪ کي خرابيءَ جي يادگارن سان ڀريو پيو آهي. غير مستحڪم، غير محفوظ هائوسنگ ۽ پيپن انفراسٽرڪچر ۾ اضافو ڪيو آهي. ظاهر آهي ته ٻوڏ ۾ سرڪاري شعبي جا ڪيترائي منصوبا خطري ۾ پئجي ويا آهن جيئن ته منصوبابندي ڪميشن وٽ ڪو به رهنمائي ڪندڙ دستاويز موجود نه آهن ته جيئن ان جي پورٽ کي صاف ڪرڻ لاءِ پبلڪ سيڪٽر جي ڊولپمينٽ پروگرامن تي پابندي آهي هڪ به ڳالهه ته هر هڪ جي موافقت ۽ گهٽتائي جي فائدن جي سطح کي ماپڻ لاءِ اوزار اپنائڻ لاءِ پبلڪ سيڪٽر پراجيڪٽ. ان جي سائيز يا شعبي جي لحاظ کان ۽ سيني کي التوا ۾ رکيل 1260 منصوبن جو 6.2 ٽريلر جي قيمت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماحولياتي آڊٽ کي يقيني بڻايو وڃي ته اهي موسمياتي موافقت ۽ گهٽتائي ۾ حصو وٺن ۽ موسمياتي نقصان نه 2022 ۾ پاڪستان موسمياتي تبديلي جي اثر جو پوسٽر چائلڊ هو. ڇو ته پنهنجي گهر کي سٺي ترتيب ڏيڻ اسان کي عالمي موسمياتي چيمپئن بڻائي سگهي ٿو.

پاڀوهي هيڪارَ، مون ڪان ڇيو سڄڻين:
آلَسـتُ بِرَبِّڪم، چيائون جنهن وارَ:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نه لهي.

پنجاب ۽ سنڌ ۾ نئون ڦڏو، آخر غلط فيصلا ڇو؟

نصير ميمڻ

نئين ڪمانڊ ايريا کي سيراب ڪرڻ واري معاملي تي پنجاب ۽ سنڌ وچ ۾ تازو هڪ نئون تڪرار شروع ٿي ويو آهي. پنجاب جي آبپاشي کاتي انڊس ريور سسٽم اٿارٽي کان ننڍي چولستان اسڪيم تحت 20 لک ايڪڙ زمين کي سيراب ڪرڻ لاءِ پاڻي جي دستيابي جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري ورتو آهي. ڊپارٽمينٽ جي پريزنٽيشن ۾ انڪشاف ٿيو ته گريٽر يعني وڏي چولستان ۽ ننڍي چولستان اسڪيمن جي فزيبلٽي اسٽڊي مڪمل ڪئي وئي آهي ته جيئن ڪل 66 لک ايڪڙ نئين زمين کي ڪئنال ڪمانڊ هيٺ آڻي سگهجي. ارسا سنڌ جو اعتراض رد ڪري پنجاب جي حق ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو آهي، پر سنڌ ان تجويز تي تفصيلي اختلافي نوٽ جمع ڪرايو.

اهڙي طرح، آگسٽ 2023 ۾، واپڊا هڪ ٻئي فورم تي هڪ تجويز پيش ڪئي هئي ته چولستان ۾ 60 لک ايڪڙ زمين کي ستلج نديءَ جي ڪابي ڪناري سيراب ڪيو وڃي.

وڏي پيماني تي ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ هڪ مهم اڳ ۾ ئي شروع ٿي چڪي آهي. سنڌ جي گذريل نگران حڪومت ڇهن ضلعن ۾ 52000 ايڪڙ زمين گرين پاڪستان انيشيٽو ڪارپوريٽ فارمنگ' رٿا لاءِ ليز تي ڏني هئي.

چولستان ۾ نئين ڪمانڊ ايريا جوڙڻ به ميگا فارمنگ مهم جو حصو آهي. هن رٿا جي مالڪن جي دعويٰ آهي ته هن سان 40 بلين ڊالر جي آمدني ٿيندي ۽ لکين نوڪريون پيدا ٿينديون.

بلاشڪ پاڪستان وٽ بنجر زمين جو وڏو حصو آهي. پر وڏي پيماني تي فارمنگ لاءِ وڏي مقدار ۾ گارنٽيڊ سيلاب جي وهڪري ۽ وسيع آبپاشي انفراسٽرڪچر جي ضرورت آهي. پنجاب ۾ آفيسرن کي الائي ڇو لڳي ٿو ته واڌو پاڻي موجود آهي ۽ هو سنڌو دريا جي اپ اسٽريم مان پاڻي پنهنجي منصوبن لاءِ کڻڻ کي جائز سمجهي ٿو اضافي پاڻي جي دستيابي جي دعويٰ ڪرڻ لاءِ انگن اکرن جو نئون کيل کيڏيو وڃي ٿو. سنڌ هميشه آن ڊيٽا ۽ تشريح کي رد ڪيو آهي پر پنجاب پوءِ به پنهنجي رٿائن کان پوئتي نٿو هٽي. ان معاملي تي ڌرين ۾ ته ڪٿن وارو بحث جاري آهي. ان ڳالهه کي رد نه ٿو ڪري سگهجي ته سنڌ کي اڪثر هيٺانهين وهڪرن ۾ پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جيڪي انڊس ڊيلٽا ۾ ماحولياتي تباهي جو سبب به بڻيل آهي.

چولستان واري آئيڊيل يا ڊريم پراجيڪٽ لاءِ پنجاب لاتعدا پاڻي جي ذخيرن ۽ لنڪ ڪئنالز جي تجويز ڏني آهي. هن اسڪيم هيٺ پنجاب مڊ رانجها، شاهه جيونا ۽ چنيوٽ لڳ نون پاڻي جي ذخيرن ۽ ستلج درياءَ (پارٽ کي وکرو ڪيل) تي حاصل پور ۽ بهاولنگر وٽ ٻن بئراجن ٺاهڻ به شامل آهن. ان کانسواءِ چناب دريا (پارٽ کي وکرو ڪيل) مان 195 ڪلوميٽرن جي هڪ نئين لنڪ ڪئنال جي تجويز به ڏني وئي آهي ته جيئن ستلج تائين چناب دريا مان مستقل وهندڙ واهه ذريعي پاڻي پهچائي سگهجي. پنجاب جي دعويٰ آهي ته چناب جو ريگيولر وهڪرو ستلج کي پاڻي ڏيندو جيڪو آخرڪار چولستان ڪمانڊ واري علائقي کي ٻن نون فيڊر ڪئنال ذريعي سيراب ڪندو.

ننڍي چولستان اسڪيم لاءِ پنجاب جي آبپاشي کاتي جي تجويزن ۾ پاڻي جي دستيابي تي ڊيٽا به شامل آهي. جولاءِ جي ٻهرين هفتي کان سيپٽمبر جي ٻهرين هفتي تائين پاڻي جي دستيابي کي ٻوڏ جي وهڪري ۾ پنجاب جو حصو ڏيکاريو ويو آهي. يعني ٻوڏ واري وهڪري تي ٻئي ڪنهن به صوبي جو حق تسليم نٿو ڪيو وڃي. اهي وهڪرا 4,137 ڪيوسڪ کان 4,122 ڪيوسڪ تائين آهن. ٻوڏ جي وهڪري جي دستيابي جي مفروضي تي اهڙي وڏي ڪمانڊ ايريا کي ترقي ڏيارڻ آبپاشي انجنيئرنگ جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي. ٻئي پاسي سنڌوءَ جي ڊيٽا ڊيڪاري ٿي ته 2001 ع کان 2022 ع تائين ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ وهندڙ نون سالن تائين 10 ملين ايڪڙ فوٽ کان به گهٽ پاڻي جو وهڪرو رهيو آهي. جڏهن ته پاڻي واري ٺاهه موجب ڊيلٽا جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هر سال 10 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي ڪوٽڙي کان هيٺ ڇڏڻ لازمي آهي. ڪير ان ڳالهه جي ضمانت ڏئي سگهي ٿو ته چناب ۽ ستلج دريائن مان هر مون سون ۾ اضافي وهڪرا ٿيندا؟

پارت تيزي سان چناب تي ڊيم ٺاهي رهيو آهي. دي ڊپلوميٽ موجب چناب تي 70 کان وڌيڪ وڏا ٻن بجلي جا منصوبا مختلف مرحلن ۾ آهن. جيتوڻيڪ اهي رن آف دي ريور منصوبا آهن. انهن جا ذخيرا هفتن تائين پاڻي رکندا. موسمي تبديلين ۽ بار بار اپ اسٽريم جي ڦيرڦار جي وچ ۾، وڏي ڪمانڊ ايريا کي ترقي ڪرڻ لاءِ سيلاب جي وهڪري تي انحصار منطق جي ابتڙ آهي. جيڪڏهن چناب ۾ ڪجهه سالن تائين خشڪ اسپيل جاري رهي ۽ تجويز ڪيل ٿي آبي ذخيرا ختم ٿي وڃن ته ڇا ٿيندو؟ ڇا ڪمانڊ ايريا کي سڪل رکندا ۽ فصلن کي سڪي وڃڻ ڏنو ويندو؟ چناب ۽ ستلج جو وهڪرو آخرڪار سنڌوءَ تائين پهچندو ۽ تجويز ڪيل اسڪيم سنڌ ڏانهن وهندڙ وهڪرو گهٽائي ڇڏيندو.

پاڪستان جي آبادي 2050 تائين 400 ملين کي پار ڪرڻ جو امڪان آهي. اهو فوڊ سيڪيورٽي لاءِ هڪ چئلينج آهي. تنهن ڪري، مقصد خوراڪ جي پيداوار کي وڌائڻ گهرجي، جيڪو حاصل ڪري سگهجي ٿو بغير تڪراري منصوبن جي.

زرعي ترقياتي بئنڪ جي رپورٽ موجب، اناج جي مجموعي پيداوار جي قومي صلاحيت 100,933,000 ڪلوگرام في سال آهي. جڏهن ته 2015 کان 2016 تائين حقيقي قومي اناج جي پيداوار 38,227,000 ڪلوگرام رهي. مطلب ته پاڪستان پنهنجي حقيقي صلاحيت جو فقط 38 سيڪڙو پيدا ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه، چين جي 1.9 جي مقابلي ۾ پاڪستان جي في ايڪڙ پيداوار 1.05 ٽن آهي. هندستان 1.1 ٽن حاصل ڪري ٿو. چانورن ۾ پاڪستان جي في ايڪڙ پيداوار 1.25 ٽن آهي، جيڪا چين جي 2.6 ٽن جي پيٽ ۾ اڌ کان به گهٽ آهي. ايسٽائين جو بنگلاديش، سريلنڪا ۽ ڀارت بالترتيب 1.7، 1.6 ۽ 1.3 ٽن في ايڪڙ سان پاڪستان کان اڳتي آهن. ان ڪري پاڪستان وٽ اناج جي پيداوار کي موجوده قابل ڪاشت زمين مان بيٽو ڪرڻ جي صلاحيت آهي.

اهو فيصلو ڪندڙ ماڻهن لاءِ ضروري آهي ته هو غلط ترجيحات کان پاسو ڪن ۽ بهتر فارمنگ جي طريقن، جديد پاڻي جي استعمال جي ٽيڪنالاجي ۽ معياري ٻج ذريعي فصلن جي پيداوار ۽ پيداوار وڌائڻ جي ڪوشش ڪن. (ليکڪ جو هي مضمون اڄوڪي ڊان ۾ شايع ٿيو آهي جيڪو سنڌيار جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو

nmemon2004@yahoo.com)

بقايا 01 ***

پهتو جتي مولانا عبدالخبير آزاد سنڌس آجيان ڪئي. پنجاب رينجرز جي جتي مهمان جي مزار اقبال آمد تي گارڊ آف آنر پيش ڪيس. ايراني صدر ابراهيم رئيسي لاهور جي دوري دوران علامه اقبال جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي ورڪا ڪري فاتحه خواني ڪئي. ابراهيم رئيسي علامه اقبال کي پيٽا پيش ڪئي ۽ مهمانن جي ڪتاب ۾ تاثر قلمبند ڪيا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو ته علامه اقبال مسلمانن کي نئون رستو ڏيکاريو. جيئن توهان کي پنهنجي قوم تي فخر آهي تئين ايران کي به پنهنجي قوم تي فخر آهي. ڪين پنهنجي مجاهدن تي وڌيڪ فخر آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ اچي بلڪل به اوپرائپ محسوس نه ٿي رهي آهي. سڪيورٽي خدشن سبب پاڪستان ۾ ميڙاڪي کي خطاب نه ڪري سگهيو آهيان. سنڌس چوڻ هو ته غزا بابت پاڪستان جو موقف ساراهه جوڳو آهي. اسرائيل خلاف جنگ ۾ فلسطيني ئي ڪاميابي حاصل ڪندا. هن چيو ته پاڪستان ۽ ايران جون دليون هميشه جڙيل رهنديون. فلسطينين جي حمايت ڪرڻ تي پاڪستاني عوام کي سلام آهي.

بقايا 02 ***

آر سڌارا فوري طور لاڳو ڪرڻ جا آرڊرز جاري ڪندي ذاتي طور ان عمل جي نگراني جو فيصلو ڪيو هو. ٽئڪس ٽربيونلز ۾ هن وقت حڪومت جا سوين ارب رپين جا ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهن. جڏهن ته وزيراعظم چيف جسٽس آف پاڪستان کان سمورا ڪيس جلد اڪلائڻ جي درخواست پڻ ڪئي هئي. اسلام آباد ۾ ايف بي آر جي وڪيل طرفان عدالت ۾ اهڙي ئي هڪ ڪيس جي تاريخ ۾ دير جي درخواست تي وزيراعظم نوٽيس وٺندي لاڳاپيل اختيارين کي فوري طور واقعي جي انڪوائري جي هدايت ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته قومي ناڻي جا سوين ارب رپيا قانوني تڪرار جو شڪار آهن. ان حوالي سان ڪا به لاپرواهي ۽ ڪوتاهي قبول نه ڪندس.

بقايا 03 ***

ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊاڪٽر جميل عالم الهديٰ چيو ته پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ مضبوط تاريخي، ثقافتي ۽ مذهبي لاڳاپا آهن. ايران سهڪار وڌائڻ جي عظيم ايجنڊا رکي ٿو هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي قيادت کي علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي ۽ دهشتگردي جي گڏيل خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ به طرفن لاڳاپن کي وڌائڻو پوندو. سنڌس چوڻ هو ته هي دورو پاڪ - ايران لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو اهم موقعو آهي. پاڪستان ۽ ايران رڳو پاڙيسري ملڪ نه پر سٺا دوست به آهن.

بقايا 04 ***

اسان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي به گرفتار ڪيو ويو. هن چيو ته پي ٽي آءِ باني ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪندو ۽ نه ئي وري ڪنهن جي دٻاءَ ۾ ايندو. هن اميد ظاهر ڪئي ته پي ٽي آءِ باني هلندڙ مهيني جي آخر تائين آزاد ٿي ويندو.

بقايا 05 ***

پاڪستان لاءِ 3 ارب ڊالر جي اسٽينڊ بائي ارينجمينٽ معاهدي جي آخري جائزي جي منظوري ڏني ويندي. سفارتي ذريعن موجب آءِ ايم ايف جي ايونٽ ڪيلنڊر موجب جائزو اجلاس 29 اپريل تي صبح 10 وڳي ٿيندو. 20 اپريل تي آءِ ايم ايف اجلاس جو شيڊيول جاري ڪيو ويو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته 29 اپريل تي نائجيريا جي قرض پروگرام جو جائزو ورتو ويندو تنهن بعد ٻهرين ميٽي تي رٿيل اجلاس ۾ ڪرباتي ۽ مونٽي نيگرو جي پروگرامن جو جائزو ورتو ويندو جڏهن ته پاڪستان جو نالو فهرست ۾ شامل نه هو. آءِ ايم ايف ۽ پاڪستاني عملدارن ٻنهي اڳوڻ بيانن ۾ اشارو ڏنو هو ته بورڊ 29 اپريل تي اجلاس ۾ ايس بي اي پروگرام تحت هڪ ارب 10 ڪروڙ ڊالر جي آخري قسط جاري

ڪرڻ جي منظوري ڏيندو. جنهن جو معاهدو جون 2023 ۾ ٿيندو.

بقايا 06 ***

عملدارن کي موڪلي ڇڏي آهي. ذريعن موجب بشريٰ بي بي ڪالهه منجهند سيني ۾ سائڙ جي شڪايت ڪئي هئي. ڏينهن جي وقت اڊيالا جيل جي ڊاڪٽرن معائنو ڪري اڳوڻي خاتون اول کي صحتمند قرار ڏنو هو. تنهن ڪانپوءِ پمز جي ڊاڪٽرن جي ٽيم رات جي وقت بني گالا ۾ بشريٰ بي بي جو تفصيلي طبي معائنو ڪيو ذريعن جو چوڻ هو ته ڊاڪٽرن اڳوڻي خاتون اول کي پمز اسپتال جي ماهرن ۽ دل جي مرضن جي ماهرن کان معائنو ڪرائڻ جي تجويز ڏني. ان کانسواءِ پمز اسپتال جي ڊاڪٽرن بشريٰ بي بي جو طبي معائنو ڪري ڪيس رڳو کاڌي ۾ احتياط ڪرڻ جي صلاح ڏني.

بقايا 07 ***

سميت ڪيترن ئي سياسي ڪارڪنن تي ڪيس داخل ڪيا ويا. هن چيو ته گرفتار ٿيل سياسي ڪارڪن جيلن ۾ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ميڊيا تي پابنديون آهن. فورسز ۽ شهرين تي حملا ٿي رهيا آهن. سنڌس چوڻ هو ته آمريڪا انساني حقن جي حوالي سان ٻٽو معيار اختيار ناهي ڪيو. اسرائيل تي انساني حقن جي پائمالين وارا الزام ڏسي رهيا آهيون.

بقايا 08 ***

جهانزيب پڻ شامل آهي جيڪو ڪسٽم اهلڪارن تي ويجهڙائي ۾ ٿيل حملن ۾ ملوث هو سي ٽي ڊي اختيارين موجب، مارجي ويل دهشتگرد پٽا خوري، سيڪيورٽي فورسز تي حملي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث هئا. سي ٽي ڊي اختيارين جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگرد وڏي حملي جي رٿابندي لاءِ چريهر ڪري رهيا هئا جنهن دوران ڪارروائي ڪندي سنڌن فرار ٿيڻ جا سمورا رستا بند ڪيا ويا. سي ٽي ڊي موجب، مقامي آبادي ۾ دهشتگردي جي سهولتڪارن جي موجودگيءَ جو خدشو آهي ۽ سهولتڪارن خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

بقايا 09 ***

لاڳاپا آمريڪا جو نه اسان جو معاملو آهي. هن چيو ته ايراني صدر جو دورو انڪري به اهم آهي جو ڪجهه عرصو اڳ ٻنهي ملڪن ۾ چڪتاڻ ٿي هئي. چڪتاڻ سبب ٿيل نقصان جي ازالي لاءِ به اهڙا قدم ضروري آهن. سنڌس وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا 7 ڏهاڪن کان مضبوط رهيا آهن.

بقايا 10 ***

لاءِ پيش ڪيو ويندو. برطانوي ميڊيا موجب پناهگيرن کي روانڊا موڪلڻ واري بل ۾ وڌيڪ ترميمون نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. برطانوي ميڊيا جي رپورٽ موجب پناهگيرن کي روانڊا موڪلڻ جو بل شاهي منظوري لاءِ اڄ پيش ڪيو ويندو. واضح رهي ته هائوس آف لارڊز پاران پناهگيرن جي منتقلي وارو بل پنجون ڀيرو ترميم کانپوءِ پارليامينٽ کي اماڻيو هو هائوس آف لارڊز روانڊا کي محفوظ ملڪ قرار ڏيڻ جي مشروط حمايت ڪئي ۽ روانڊا جي باري ۾ آزاد مانيٽرنگ باڊي سان مشورو ڪرڻ جو شرط رکيو ويو.

بقايا 11 ***

وائيٽ هائوس جي ترجمان موجب صدر جوبائيڊن جو يوڪرين جي صدر زيلنسڪي سان ٽيليفونڪ رابطو ٿيو. ترجمان موجب يوڪريني صدر، يوڪرين جي مدد ڪرڻ تي آمريڪي صدر جوبائيڊن جو شڪريو ادا ڪيو زيلنسڪي، جوبائيڊن کي روسي ميزائلن، ڊرون ۽ بم حملن سبب ٿيندڙ دهشتگردي جي حوالي سان آگاهه ڪيو. يوڪريني صدر پاران آمريڪي صدر کي خارڪيف ۾ ٽي وي ٽاور تي روسي ميزائل حملي کان پڻ آگاهه ڪيو ويو.

بقايا 12 ***

ونگ پاران جاري بيان موجب صدر اهڙن خيال جو اظهار پاڪستان نيشنل هارٽ ايسوسيئيشن (پناهه) جي وفد سان ملاقات دوران ڳالهائيندي ڪيو جنهن ميجر جنرل (ر) مسعود الرحمان جي قيادت ۾ ايوان صدر ۾ سائنس ملاقات ڪئي. هن چيو ته دل جي مرض کان بچاءَ جي لاءِ ماڻهن ۾ صحتمند طرز زندگي بابت آگاهي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. صدر دل جي بيمارين ۾ اضافي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته دل جي مرض ۽ غير متعدي مرضن کان بچاءَ جي جامع پروگرام جي ضرورت آهي. هن چيو ته ڪاربونيٽيڊ ۽ مٺي شربتن ۾ کنڊ جي مقدار بابت هيلٿ ايڊوائيزري نمايان ڪرڻ جي لاءِ قدم کنيا وڃن. وفد جي سربراهه صدر کي دل جي بيمارين جي ڦهلاءَ جي روڪٿام، آگاهي پيدا ڪرڻ ۾ پناهه جي ڪردار بابت بريفنگ ڏني. هن کي آگاهه ڪيو ته پناهه انجائنا ۽ هارٽ اٽيڪ جي ڪري ٿيندڙ موت روڪڻ، گهٽ ڪرڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي. صدر صحتمند طرز زندگي جي فروغ ۾ پناهه جي ڪردار کي ساراهيو.

بقايا 13 ***

حيدرآباد واسيءَ حبا قائمخاني ۽ سنڌس ڌيءَ عشا فاطمه ڏٽ جي فوت ٿي وئي. سنڌس مڙس عدنان زخمي ٿي پيو فوتين جا لاش ۽ زخمي لسر اسپتال منتقل ڪيا ويا. پوليس ٽرڪ تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا 14 ***

سبب ڄاڻڻ لاءِ ڄاچ ڪئي ويندي. دفاع واري وزير چيو ته هيلي ڪاپٽر ملائيشين نيوي کي 90 سال ٿيڻ جي سالگرهه تي جنهن ۾ پريڊ جي مشق ڪري رهيا هئا. هن چيو ته فوت ٿيل عملي جي ميمبرن جي سڃاڻپ جي تصديق لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن

بقايا 15 ***

پهرئين مرحلي ۾ ٽرنول ۽ نيلور سيڪٽر جي 20_20 اسڪولن ۾ مفت کاڌو ڏنو ويندو. واضح رهي ته سيڪيورٽي ايجوڪيشن پرائمري اسڪولن ۾ سهولتن جي فراهمي سان گڏ مفت کاڌي جو اعلان ڪيو هو. سنڌس چوڻ هو ته ٻارن کي کاڌو حڪومت ۽ ٽرسٽ جي سهڪار سان ڏنو پيو وڃي. ايندڙ ٻن مهينن ۾ سيني پرائمري اسڪولن ۾ کاڌو شروع ڪيو ويندو.

بقايا 16 ***

سميت 16 ڄڻن کي طلب ڪري ورتو پوليس ذريعن موجب پريا ڪماري جي والدين سکر بدران شهيد بينظير آباد ۾ ڄاچ ٽيم جي ڳڻجائي ڪرائڻ جي درخواست ڪئي هئي. ذريعن موجب ڊي آءِ جي جاويد جسڪاڻي جي سربراهي ۾ جڙيل ٽيم پاران ڄاچ جو مرڪز هاڻي شهيد بينظير آباد کي بڻايو ويو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته ڄاچ ٽيم گذريل ڏينهن 7 ڪلاڪ ڊگهي ويهڪ دوران پريا ڪماري جي والد ۽ ڄاچي سميت ٻين گهر ڀاتين جا انٽرويوز ڪيا هئا

بقايا 17 ***

قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته گم ٿيل ماڻهن جي حوالي سان قانون واري وزير تفصيلي روشني وڌي آهي. دهشتگردي جي واقعن ۾ شهيد ٿيندڙن جي پونئيرن جا ان بابت شديد خدشا آهن. انهن ماڻهن ملڪ جي خاطر جانيون قربان ڪيون آهن. هن چيو ته 2011 ع ۾ سپريم ڪورٽ گم ٿيل ماڻهن بابت انڪوائري ڪميشن جوڙي هئي جنهن تحت 10023 ڪيسز مان 7900 ڪيس حل ٿي چڪا آهن. رڳو 23 سيڪڙو ڪيس التوا هيٺ آهن. هن چيو ته حڪومت ان حوالي سان تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. اسان جي نيت ان مسئلي کي حل ڪرڻ آهي. هن چيو ته اڳوڻي واري وزير ماضي جي حڪومت ۾ ان تي ڪم ڪيو. پيهر ان تي ڪم ٿي رهيو آهي. ضمني چونڊن جي نتيجن جي حوالي سان ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ضمني چونڊن ۾ ڌانڌلي جو ٺلوٺلو ٿيندو پيو وڃي الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان مسلم ليگ (ن) ضمني چونڊن ۾ ڪلين سوئيپ ڪيو. هن چيو ته پاڪستان جي عوام تحريڪ انصاف جي ڪوڙ، تشدد، دفاعي ادارن جي خلاف بيانيي کي رد ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته ضمني چونڊن ۾ مسلم ليگ (ن) جي ووٽرز ٽرن آئوٽ پي مسلم ليگ (ن) کي ووٽ ڏنو. هن چيو ته ضمني چونڊن جي شفافيت تي ڪير به آڱر نه ٿو کڻي سگهي. ضمني چونڊن 8 فيبروري جي چونڊن جي حوالي سان به شڪ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته محمد نواز شريف سان ماڻهن جي وڏي محبت آهي. عوام شهباز شريف جي معاشي سڌارن ۽ پنجاب ۾ خدمت جي سياست کي ووٽ ڏنو آهي. هن چيو ته نفرت، منافقت ۽ ڪوڙ تي ٻڌل بيانيو رد ٿي چڪو آهي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته بشريٰ بي بي جي صحت جي حوالي سان تحريڪ انصاف ڪل جرڳي پروپيگنڊا ڪري رهي آهي. بشريٰ بي بي جون سمورون طبي ٽيسٽون صحيح آيون. هوءَ صحتمند آهي. هن چيو ته جيڪڏهن بشريٰ بي بي جي صحت جي حوالي سان ڪي خدشا آهن ته ڪلي ٻڌايو وڃي. جڏهن بشريٰ بي بي جون جون ٽيسٽون ڪيون وڃن ٿيون ته هوءَ صحتمند ظاهر ٿئي ٿي. هن چيو ته پي ٽي آءِ ڪوڙ تي ٻڌل مهم هلائي رهي آهي ته بشريٰ بي بي جي زندگي کي خطرو آهي. هن چيو ته هي پيراڻايو کان ٻاهر نڪرن. اهي ڪڏهن دفاعي ادارن ۽ ڪڏهن سپهه سالار جي خلاف ڳالهه ڪن ٿا. انهن قسم کڻي ڇڏيو آهي ته ملڪي دفاعي ادارن جي خلاف ئي ڳالهه ڪرڻي آهي. انهن جو ڪوڙ بي نقاب ٿيندو پيو وڃي. انهن جو پيراڻيوبا پوري قوم آڏو اچي رهيو آهي.

اهي متضاد بيان ڏئي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هن چيو ته پرڏيهي پاليسي تي ڪوبه ڌڪ نه ٿيندي. ڪنهن کي پاڪستان جي دوست ملڪن يا پاڪستان جي سپهه سالار جي خلاف ڳالهه ڪرڻ نه ڏني ويندي. هن چيو ته ملڪ ترقي طرف وڌي رهيو آهي جڏهن ته جيل ۾ ويٺل شخص کي نظر اچي رهيو آهي ته هو اڪيلو ٿي ويندو. هن چيو ته ان شخص پرڏيهي پاليسي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اسان پاڪستان جي عالمي سطح تي لاڳاپن ۽ ساک کي بحال ڪيو آهي. وفاقي وزير چيو ته تازو ئي سعودي عرب جي اعليٰ سطحي وفد پاڪستان جو دورو ڪيو ۽ اربين ڊالر سيڙپڪاري جي ڳالهه ڪئي. ايران جي صدر ڪالهه 10 ارب ڊالر جي واپاري ڪاٽي جي حوالي سان ڳالهه ڪئي. هن چيو ته پاڪستان جي اسٽريٽجڪ حيثيت کي عالمي سطح تي تسليم ڪيو پيو وڃي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اڊيالا جيل واري صاحب جي دور ۾ پاڪستان اڪيلائپ جو شڪار ٿي ويو هو. هاڻي اهو معاملو ختم ٿي چڪو آهي. دوست ملڪن سان اسان جا لاڳاپا وڌي رهيا آهن ۽ واپار ۽ سيڙپڪاري جي ڳالهه ٿي رهي آهي. ملڪ ترقي طرف ڳامزن ٿي رهيو آهي. هن چيو ته اسٽاڪ مارڪيٽ ماضي جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي چڪي آهي. ملڪ ۾ سازگار ماحول جي موجودگي جي صورت ۾ ئي اهو ممڪن ٿي رهيو آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ شهباز شريف جي قيادت ۾ ويزن تحت هڪ حڪومت موجود آهي جيڪا سنجيدگي سان معاشي سڌارا ڪرڻ چاهي ٿي. وفاقي وزير چيو ته گذريل ڏينهن اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 74 سيڪڙو مٿي ويو هن چيو ته ڪرنٽ اڪائونٽ سرپلس ٿيڻ پهريون پيرو 9 سالن ۾ 619 ملين ڊالر تي پهتو. آءِ ٽي روانگي واپار 306 ملين ڊالر تي پهچي چڪو آهي. هن چيو ته سڌي سنئين پرڏيهي سيڙپڪاري 20 مهينن جي اندر 285 ملين ڊالر تائين پهچي آهي. هن چيو ته اهي سمورين شيون ان لاءِ مٿي وڃي رهيون آهن جو ملڪ ترقي طرف ڳامزن آهي ۽ ملڪ ۾ سيڙپڪاري اچي رهي آهي. عالمي ادارا به اها ڳالهه ڪري رهيا آهن ته پاڪستان معاشي مسئلن کان ضابطو آڻي ويندو. هن چيو ته اسان پاڪستان جي نوجوانن کي ترقي ڏينداسين، ملڪ جي آءِ ٽي انڊسٽري سميت زراعت جي شعبي جي فروغ ڏينداسين هن چيو ته ملڪ ۾ سازشي، ڪوڙ ۽ منافقت تي ٻڌل بيانيو رد ٿي چڪو آهي. پرڏيهي پاليسي جي خلاف ڳالهيون ڪندڙ ماضي جو قصو بڻجي چڪا آهن. پي ٽي آءِ سائفر جو ڊرامو رچايو. دوست ملڪن جي سربراهن کي ڏٺل تحفن کي وڪرو ڪيو. مشاهد الله خان مرحوم ٺيڪ ٿي چيو هو ته زمين وڪڻي ڇڏي. زمين وڪڻي ڇڏيو هڪ قيدي منهنجو وڻن وڪڻي ڇڏيو هن چيو ته پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين پنهنجي ذات جي خاطر ملڪ کي سڌائين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. سياسي پارٽيون سڀ کان ڀهرين آهي، سياسي پارٽيون بعد ۾ آهن. ترقي پاڪستان جو مقدر آهي. مهانگائي ۽ بيروزگاري ۾ گهٽتائي ٿيندي. سيڙپڪاري ۾ اضافو ٿيندو هن چيو ته پاڪستان حڪومت جي ترقي جي لاءِ هر قدم کڻندي. ايندڙ ڏينهن ۾ ٻاهرين ملڪ مان وڌيڪ وفد پاڪستان اچي رهيا آهن. وزيراعظم جو سعودي عرب جو دورو پڻ اچي رهيو آهي. پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي حوالي سان روشن امڪان موجود آهن. ان کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪنداسين. پاڪستان کي ترقي جي رستي تي ڳامزن ڪنداسين. صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ڪابينا ڪميٽي گم ٿيل ماڻهن جي حوالي سان معاملي جي حل لاءِ پنهنجون تجويزون پيش ڪندي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هن تي اپيل جا قاعدا ۽ ضابطا موجود آهن ته ڪهڙن سببن جي ڪري نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪيو وڃي يا ڪڍيو وڃي. ٽي ڪهرو ڊويزن جيڪڏهن ڪنهن جي سفارش موڪلي ٿي ته ان تي قانون موجب عمل ٿئي ٿو هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته بجلي جي بلن ۾ گهٽتائي آئي آهي. عيدالفطر جي موقعي تي حڪومت 3.82 رپيين جي گهٽتائي ڪئي. هن چيو ته حڪومت خرچن ۾ گهٽتائي ۽ نجڪاري تي ڌيان ڏئي رهي آهي. پي آءِ اي جي نجڪاري سان 800 ارب رپين جو خسارو ختم ٿيندو جنهن جو بار عوام ۽ حڪومت برداشت ڪري رهيا آهن. هن چيو ته حڪومت ٽيڪس سڌارن ۽ ايف بي آر جي ڊيجيٽلائيزيشن طرف وڃي رهي آهي. سمورين شيون مثبت آهن. وقت سان گڏوگڏ حالتن ۾ وڌيڪ بهتري ايندي. هن چيو ته پوري دنيا جو پاڪستان تي اعتماد بحال ٿي رهيو آهي ته پاڪستان ۾ هڪ اهڙي حڪومت موجود آهي جيڪا مسئلن کي حل ڪرڻ چاهي ٿي. هن چيو ته اسان ملڪ کي ڏيوالي ٿيڻ کان بچايو. هاڻي هن ملڪ کي ترقي يافته بڻائينداسين ۽ هڪ اهڙي معيشت ڏينداسين جنهن تي دنيا ناز ڪري. اهو اسان جو مشن آهي ان کي جاري رکنداسين. ان موقعي تي وفاقي وزير قانون اعظم نذير تارڙ چيو ته گم ٿيل ماڻهن جو مسئلو حڪومتي ۽ عسڪري ڌرين ۾ بحث هيٺ آهي. پاڪستان جنهن ڏهاڪن کان دهشتگردي کي منهن ڏئي رهيو آهي. گم ٿيل ماڻهن جو معاملو دهشتگردي سان جڙيل آهي. هن چيو ته گم ٿيل ماڻهن جي معاملي جي حل جي لاءِ پهريون پيرو پ حڪومت ۾ آر آزاتاريو ويو جنهن ڪانپوءِ 10 هزار ۾ سئو ڪيس ڪميشن ۾ رپيا جن مان اڌ هزار کان وڌيڪ ڪيس حل ٿيا. سندس چوڻ هو ته گم ٿيل ماڻهن جي 2300 ڪيسن جو معاملو حل طلب آهي. وزيراعظم جي هدايت تي گم ٿيل ماڻهن جي معاملي حل ڪيو پيو وڃي. جيڪي ڏهاڪن تي ٻڌل مسئلو عدالتي حڪمن تي رات پيٽ ۾ حل نٿو ٿي سگهي.

بقايا 18 ***

حڪومت جي اولين ترجيح آهي. اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته ڪوبه ٻار اسڪول کان ٻاهر نه هجي. ان حوالي سان وفاقي حڪومت صوبائي حڪومتن سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. پاڪستان ۽ برطانيا جا لاڳاپا ڏهاڪن تي ٻڌل آهن جن ۾ وقت سان گڏوگڏ وڌيڪ بهتري اچي رهي آهي. اسان برطانيا سان واپار ۽ تعليم جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جا خواهشمند آهيون. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان برطانيا جي ناليواري يونيورسٽين جي نمائندن جي وفد اسلام آباد ۾ ملاقات ڪئي. وفد جي قيادت برطانيا جي انٽرنيشنل ايجوڪيشن چيمپئن سر اسٽيو سمٿ ڪري رهيو هو ملاقات ۾ تعليم وارو وفاقي وزير خالد مقبول صديقي، قومي اسيمبلي ميمبر رومينه خورشيد عالم، وزيراعظم جو خاص معاون طارق فاطمي، پاڪستان ۾ برٽش ڪائونسل جو ڪنٽري ڊائريڪٽر جيمز هيمپسن، چيئرمين هائير ايجوڪيشن ڪميشن ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسر پڻ موجود هئا. وزيراعظم وفد کي پاڪستان ۾ ڀليڪار چيو وفد سان ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته معياري تعليم جو فروغ اسان جي حڪومت جي اولين ترجيح آهي. هن چيو ته اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته ڪوبه ٻار اسڪول کان ٻاهر نه هجي. ان حوالي سان وفاقي حڪومت صوبائي حڪومتن سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. وزيراعظم چيو ته اسان پنجاب صوبي ۾ ايجوڪيشن اينڊوومينٽ فنڊ قائم ڪيو هو. اهڙي ئي قسم جا قدم وفاق ۾ پڻ کنداسين. هن چيو ته تعليم جي شعبي جي ترقي جي لاءِ حڪومت هنگامي قدم کڻي رهي آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۽ برطانيا جا لاڳاپا ڏهاڪن تي ٻڌل آهن جن ۾ وقت سان گڏوگڏ وڌيڪ بهتري اچي رهي آهي. وزيراعظم پاڪستان ۾ تعليم جي شعبي ۾ برطانوي تعاون کي ساراهيندي چيو ته اسان برطانيا سان واپار ۽ تعليم جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جا خواهشمند آهيون. وزيراعظم چيو ته پاڪستاني ۽ برطانيا جي يونيورسٽيز جي وچ ۾ ٽيڪنالاجي ۽ تحقيق جي شعبن ۾ حصيداري ٿيڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته برطانيا پاڪستاني استادن جي تربيت ۽ صلاحيت ۾ اضافي جي حوالي سان مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. سندس چوڻ هو ته پاڪستان برطانيا جي ايجوڪيشن سيڪٽر جي صلاحيت مان فائدو کڻڻ چاهي ٿو. وزيراعظم چيو ته اها ڳالهه خوش آئنده آهي ته پاڪستاني ۽ برطانوي يونيورسٽيون ريسي پروگرام بنيادن تي ڊگري پروگرامز شروع ڪري چڪيون آهن سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ اعليٰ تعليم جي فروغ ۽ ان جي معيار بهتر بڻائڻ جي لاءِ برطانيا جي ايجوڪيشن سيڪٽر سان گڏجي ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته جديد تعليم خاص طور تي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڪنهن به قوم جي ترقي جي ضمانت آهي. وفد برطانيا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ اعليٰ تعليم جي شعبي ۾ حصيداري ۽ تعاون جي حوالي سان گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ وفد پاران وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ويو ته برطانيا ۾ ايجوڪيشن گيٽ وي پاڪستان جو دائرو وڌيڪ وڌايو پيو وڃي جنهن سان ٻنهي ملڪن ۾ تعليم جي شعبي ۾ تعاون وڌائڻ ۾ مدد ملندي. وفد پاڪستان ۾ شاندار ميزباني تي وزيراعظم ۽ حڪومتي ادارن جا ٿورا مڃيا.

بقايا 19 ***

وئي آهي. جنهن ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن، گهرو وزارت ۽ ٻين کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست شهداءِ فورم بلوچستان جي چيئرپرسن نوابزادا جمال رئيساڻي، ايڊووڪيٽ حافظ احسان کوکر ذريعي داخل ڪرائي. جنهن ۾ پوليس سڌارن تي فوري طور عملدرآمد شروع ڪرڻ جا حڪم جاري ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي ته سمورين عدالتن ٻڌڻي هيٺ دهشتگردي جي سمورن ڪيسن جا فوري طور فيصلا ڪرڻ جا حڪم ڏين. گڏوگڏ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کان عالمي معيار موجب شاهدن جي تحفظ ۽ پراسيڪيوشن تي عملدرآمد ڪرائڻ جي اپيل به ڪئي وئي آهي. شهيدن جي ٻارن کي مفت تعليم ۽ گهر ڀاتين کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي درخواست ڪندي اها به اپيل ڪئي وئي آهي ته سوشل ميڊيا ذريعي دهشتگردي جي مشهوري جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا وڃن.

بقايا 20 ***

اجلاس ٿيو چيف جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ 8 ججن فل ڪورٽ اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. سپريم جڊيشل ڪائونسل کي خط لکندڙ 6 جج به اجلاس ۾ شريڪ هئا. جن ۾ جسٽس محسن اختر ڪياني، جسٽس طارق جهانگيري، جسٽس بابر ستار، جسٽس سردار اعجاز اسحاق، جسٽس ارباب محمد طاهر ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز شامل آهن. اهڙي ريت خط تي صحيح نه ڪندڙ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب به اجلاس ۾ شريڪ هو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فل ڪورٽ اجلاس تقريبن اڍائي ڪلاڪ جاري رهڻ ڪانپوءِ ختم ٿيو سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي روشني ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن اڳ ئي پنهنجون تجويزون جمع ڪرائي ڇڏيون هيون.

بقايا 21 ***

استقبال لاءِ صدر جي ڌيءَ آصفه ڀٽو زرداري به موجود هئي. جڏهن ته صوبائي وزير سعيد غني، ناصر شاهه، جام خان شورو، سردار شاهه، شرجيل ميمڻ ۽ ايئرپورٽ تي موجود هئا. صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار، جام مهتاب ڏهر به استقبال ڪندڙن ۾ شامل هئا. ايراني صدر ابراهيم رئيسي مزار قائد تي حاضري ڀري ڏنا گهري، ايراني صدر جي استقبال لاءِ شارع فيصل تي وزيراعظم ۽ پاڪستان جي صدر جا بينر لڳايا ويا آهن جنهن کان پوءِ سنڌ جي گورنر ڪامران ٽسوري ڪيس ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني. سي ايم هائوس ۾ ڪاروباري برادري وزيرن، مشيرن ۽ اهم سينئر آفيسرن جي ميز کي مهمان صدر خطاب ڪيو وڏي وزير سنڌ مان ۾ ڊنر ڏنو جنهن ۾ 900 مهمان شريڪ ٿيا. سنڌ جي وڏي وزير سنڌس لاءِ ته پاءِ ڪندي چيو ته سنڌ ۾ سيڙپڪاري جا تمام گهڻا موقعا آهن. اميد آهي ته سنڌ کان شروع ٿيندڙ ترقي سڄي ملڪ لاءِ لاڀائتي ثابت ٿيندي. هن چيو ته ايران سان سنڌ جا صدين کان ناتا رهيا آهن. هن ايراني سيڙپڪارن کي زور ڀريو ته هو سنڌ ۾ مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪن. ڪين سڀ سهولتون ميسر ڪنداسين. صدر جي دوري جي موقعي تي سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا. شهر ۾ عام موڪل ڪئي وئي، صدر جي روٽس تي ڪنٽينر رکي عام ٽريفڪ بند ڪئي وئي. صدر جي هوائي اڏي کان نڪتل قافلي جي هيلي ڪاپٽر نگراني ڪندو رهيو.

بقايا 22 ***

سگهجي ٿو. واشنگٽن ۾ پريس بريفنگ دوران آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر پاڪ-ايران واپاري معاهدن بابت سوال جي جواب ۾ چيو ته آمريڪا خلاف آمريڪا امڪاني پابندين جو خطرو نه ٿيو وٺي. ترجمان چيو ته آمريڪا، پاڪستان جي سڀ کان وڏين برآمدي مارڪيٽن مان هڪ ۽ گذريل ويهه ورهين کان سڀ کان وڏو سيڙپڪار آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي اقتصادي ڪاميابي ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي. آمريڪا پنهنجي پائيداري جاري رکڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي.

بقايا 23 ***

پروگرام ضروري آهي ڇو ته آءِ ايم ايف قرض لاءِ آخري رستو هوندو آهي. اسلام آباد ۾ تقريب کي خطاب ڪندي محمد اورنگزيب چيو ته پاڪستان بابت آءِ ايم ايف بورڊ جو فيصلو هلندڙ هفتي اچڻ جو امڪان آهي ۽ هفتي جي آخر تائين قسط ملڻ سان پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا بهتر ٿي ويندا. هن چيو ته پاڪستان 24 هين آءِ ايم ايف پروگرام ۾ وڃي رهيو آهي ڀريو ته ڪنهن به پروگرام بابت چوڻ وقت کان اڳ هوندو. سندس چوڻ هو ته حڪومت ڪرنٽ اڪائونٽ خساري ۽ مالياتي خساري کي ڪنٽرول ڪرڻ جو ٽارگيٽ رکيو آهي. محمد اورنگزيب چيو ته آءِ ايم ايف پاڪستان جو پروگرام آهي ۽ ڪيرهن ڪجهه نه ڪرائي رهيو آهي. بجلي ۽ گئس جي اگهن بابت سنڌن پنهنجون اوليتون آهن. هن چيو ته واپارين جي رجسٽريشن بابت مستقبل ۾ ڏنو ويندو. اميد آهي ته اسڪيم سان بهتري ايندي ۽ ڪنهن به قسم جي گنتي جي ڳالهه ناهي. ناڻي وزير چيو ته حڪومت زرعي شعبي جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ ۽ ناڻي واڌ تي ضابطي لاءِ قدم کنيا آهن. حڪومتي قدمن سبب ٽيڪس اڳواڙي ۾ اضافو ۽ ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو گهٽ ٿيو آهي. سندس چوڻ هو ته پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافو ٿيو آهي. پاليسي ريٽ برقرار رکيو ويو آهي. حڪومت زراعت ۽ صنعتي شعبي کي هٿي ڏئي رهي آهي. حڪومت پرڏيهي سيڙپڪارن کي هٿي ڏيڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. محمد اورنگزيب وڌيڪ چيو ته اسٽاڪ مارڪيٽ ڪڏهن هيٺ ته ڪڏهن مٿي وڃي رهي آهي. هن وقت اسٽاڪ مارڪيٽ تاريخ جي بلند ترين سطح تي آهي.

بقايا 24 ***

وٺي پهچندي. اسلام آباد ۾ جڊيشل ڪمپليڪس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي چيو ته پينشن 18 سالن ۾ ٿيندي آهي هاڻي 14 سال ٿي ويا آهن. شاهد خاقان عباسي چيو ته بجلي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ سخت محنت ڪرڻي آهي. ان کان اڳ به ناڪام حڪومت هئي. الله کان دعا آهي ته ڪين هدايت ڏئي. هن وڌيڪ چيو ته ايران اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي ۽ انهن لاڳاپن کي اڳتي وڌڻ گهرجي. گئس پائيپ لائين سياسي نه پر قانوني مسئلو آهي.

بقايا 25 ***

پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم خان سواتي جي ضمانت منظور ڪري ورتي. عدالت اعظم سواتي جي 5 هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي. وڪيل علي بخاري چيو ته اعظم سواتي کي ان ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻئي ڏينهن ضمانت منظور ڪئي وئي. عدم پيشي تي ضمانت رد ڪري ڪيس آيڊمرل قرار ڏنو ويو. پوليس آفيسر کي ان ڪيس ۾ مدعي بڻايو ويو آهي جيڪو غير قانوني آهي. عدالت دليل ٻڌڻ بعد اعظم سواتي جي ضمانت منظور ڪري ورتي.

بقايا 26 ***

سپريم ڪورٽ ۾ زمين بابت داخل اپيل واپس ولي ڇڏي. سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ ڪيس جي ٻڌڻي دوران جسٽس جمال خان مندوخيل ڇيالوڪيو ته ايڏي وڏي رقم آهي، معاملو ڪيئن طئي ٿيو؟ ڇا ڊي ايڇ اي سنڌ حڪومت کي پيسا ڏنا؟ جڏهن ته روينيو بورڊ جي دعويٰ ڪرورين رپين جي هئي ته سيٽلمينٽ ڪيئن ٿيو اهو ٻڌايو؟ ڊي ايڇ اي جي وڪيل جو موقف هو ته سنڌ حڪومت سان مختلف ڏينهن ۾ 200 ايڪڙ زمين جي ڪروڙ 72 لکن جي ادائگي ڪئي وئي هئي پر مليرر ريور پروٽيڪشن آرڊيننس جي نالي تي زمين تي قبضو ڊي ايڇ اي کان واپس ورتو ويو ۽ سنڌ حڪومت 282 ايڪڙ متبادل زمين ڏيڻ جي خاطري ڪرائي هئي. سنڌ حڪومت جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته سنڌ حڪومت پنهنجي اختيار جو حق استعمال ڪيو آهي. ڇو ته گهٽ قيمتي جي زمين ان الاٽ ٿي هئي. ڊي ايڇ اي وڪيل وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت نئين ريٽ موجب رقم جي گهر ڪئي. ڊي ايڇ اي سنڌ حڪومت جي لينڊ آرڊيننس کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو هو پر سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊي ايڇ اي جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي. ڊي ايڇ اي اهو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو هو پر هاڻي عدالت ڊي ايڇ اي طرفان درخواست واپس وٺڻ جي اپيل منظور ڪري ورتي.

بقايا 27 ***

آءِ ٽي برآمدون 2 ارب 28 ڪروڙ ڊالرن تائين پهچي ويون. وزارت ٻڌايو ته پاڪستان جي آءِ ٽي برآمدن ۾ 17.44 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. جڏهن ته گذريل سال ان ئي عرصي ۾ آءِ ٽي برآمدون هڪ ارب 94 ڪروڙ ڊالر هيون. آءِ ٽي واري وزارت موجب مارچ 2024 دوران آءِ ٽي برآمدن ۾ 306 ملين ڊالرن جي واڌ ٿي. جيڪا گذريل سال جي پيٽ ۾ ان ئي مهيني ۾ 36 سيڪڙو واڌ آهي. مارچ 2023 ۾ آءِ ٽي برآمدن ۾ 225 ملين آمريڪي ڊالرن جي واڌ ٿي هئي. وزارت جو چوڻ آهي ته فيبروري 2024 دوران آءِ ٽي برآمدون 19 سيڪڙو وڌيون.

بقايا 28 ***

ڪمپليڪس ۾ حاضري ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي عليما خان چيو ته عمران خان چاهي ٿو ته ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني هجي ۽ هڪ مفت حڪومت هجي. عليما خان موجب، عمران خان جو چوڻ آهي ته سنڌس خلاف جيڪي به ڪيس آهن انهن کي منهن ڏيندو. هن چيو ته عمران خان جي ظلم ۽ غلاميءَ جي زندگيءَ خلاف آواز اٿاري ٿو جيل ۾ وڌو ويو آهي، جيڪڏهن اسان ظلم خلاف آواز نه اٿارينداسين ته اهو وڌندو رهندو.

بقايا 29 ***

سميت لکت ۾ جواب داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي عدالت ريمارڪس ڏنا ته ٻڌايو وڃي ته گم ٿيل شخص ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ آهي، ڇا هو زندهه به آهي؟ درخواست گذار عدالت کي ٻڌايو ته ادريس اسماعيل کي حراست ۾ وٺڻ جا فوٽيج ڪيترائي ڀيرا ڄاچ آفيسن کي فراهم ڪيا. ڄاچ ادارا ادريس اسماعيل کي کڻي ويندڙن جي سڃاڻپ نه ڪري سگهيا. ادريس سان گڏ گم ٿيل شخص ملتان مان بازياب ٿيو هو. ڄاچ آفيسر خالد مڪاشي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهين پيا. سرڪاري ماڻهن جو چوڻ آهي ته خالد مڪاشي القاعده جو امير ۽ ڪيس ۾ گهربل آهي. ڄاچ آفيسر چيو ته مختلف ايجنسين سان رابطي ۾ آهيون جلد اڳڀرائي جو امڪان آهي، ادريس جي ڳولا لاءِ جي آءِ ٽي جا 20 اجلاس ٿي چڪا آهن. جي آءِ ٽي سربراهه کي عدالتي هدايتن بابت آگاهه ڪيو ويو آهي. تنهن ڪانپوءِ عدالت اڳڀرائي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي ٻڌڻي 4 هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 30 ***

خلاف ڪيس داخل ٻڌايو پيو وڃي ته ايم اين اي سميت ٻين جوابدارن خلاف عدالتي حڪم تي ڪيس داخل ڪيو ويو. اين اي 192 تي شبير بجاراڻي خلاف چونڊ وڙهندڙ اميدوار عالم بجاراڻي جي والد حنيف بجاراڻي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي هئي. درخواست گذار موجب شبير بجاراڻي اليڪشن دوران پولنگ اسٽيشن ۾ جعلي ٺپا هڻائي رهيو هو. سنڌس خلاف سوشل ميڊيا تي پوسٽ رکي ته هن منهنجي مٿان حملو ڪرايو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج پاران جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ واري حڪم کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ بحال رکيو هو.

بقايا 31 ***

مهيني ايران سان درآمدن ۾ 25 سيڪڙو واڌ ٿي ۽ هلندڙ مالي سال جي پهرين 9 مهينن ۾ ايران سان درآمدون 16 سيڪڙو وڌيون آهن. واپار واري وزارت جي ذريعن موجب مارچ 2024 ۾ ايران سان درآمدن جو ڪاٿو 9 ڪروڙ 56 لک ڊالر رهيو. جڏهن ته مارچ 2023 ۾ 7 ڪروڙ 64 لک ڊالر هو فيبروري 2024 ۾ اهو ڪاٿو 8 ڪروڙ 61 لک ڊالر هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته هلندڙ مالي سال جولاءِ کان مارچ تائين ايران سان درآمدون 77 ڪروڙ 40 لک ڊالر رهيون. جڏهن ته گذريل سال ان ئي عرصي ۾ درآمدون 66 ڪروڙ 91 لک ڊالر هيون.

بقايا 32 ***

پنهنجي چونڊ مهم ۾ مسلمانن کي نشانو بڻائي رهيو آهي. اليڪشن ڪميشن ۾ داخل ٿيل شڪايت ۾ ڪانگريس پارٽي جو چوڻ هو ته نفرت ۽ اعتراض جوڳن بيانن سان هڪ خاص مذهبي برادري کي نشانو بڻائي چونڊ مهم جي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي. شڪايت ۾ چيو ويو آهي ته اهڙا بيان پارٽي تاريخ ۾ عهدي تي موجود ڪنهن به وزيراعظم طرفان ڳالهايل لفظن کان وڌيڪ تڪراري آهن. ڪانگريس پارٽي جي ترجمان ابي شيڪ مانو سنگهوي اميد ظاهر ڪئي آهي ته اليڪشن ڪميشن طرفان اهڙي عمل تي پارٽي وزيراعظم خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 33 ***

جاري ڪيو آهي. گهوٽڪي جي مقامي هارين کي چيو ويو آهي ته اهي روڊ ڪناري 1500 ميٽر فاصلي تائين ڪمند نه پوکين. سکر جي ڪمشنر فياض عباسي چيو آهي ته موٽر وي، قومي شاهراهه کان 1500 ميٽر فاصلي تائين ڪمند نه پوکيو وڃي. ڪمند جي فصل سبب واردات ڪندڙ آساني سان فرار ٿي ويندا آهن. هن چيو ته اها پابندي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ۽ ايس ايس پي جي سفارش تي لڳائي وئي آهي. امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اهو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 34 ***

ڪيپيٽل ازبڪستان جي سڀ کان وڏي انويسٽمينٽ بينڪ آهي جڏهن ته خادم علي شاهه بخاري سيڪيورٽيز لميٽيڊ پاڪستان ۾ قائم هڪ اسٽاڪ ۽ ڪموڊٽي بروڪريج آهي، کي ايس ايس بي لميٽيڊ پاڪستان ۽ سعودي مارڪيٽ جي فعال ڪوريج ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ٻئي ڌريون سيڙپڪاري کي مالياتي مشاورتي ۽ ڪارپوريٽ فنانس سروسز فراهم ڪنديون. ٻئي فرمز پاڪستان، ازبڪستان ۽ سعودي عرب ۾ سيڙپڪاري ۽ واپارين جي مدد ۽ رهنمائي لاءِ سرگرم رهنديون.

بقايا 35 ***

نه ٿيڻ جي آڌار تي درخواستون عدالت ٻڌڻي جي لاءِ منظور ڪندي جاچ ٽيمن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. رپورٽ موجب شيخ رشيد احمد جي 9 مئي سانحي جي واقعن ۾ 3 ٿاڻن ڪينٽ، مورگاهه ۽ ٽيڪسلا ۾ داخل ڪيسن جي سلسلي ۾ اڄ پيشي هئي. ننڍي ڪيسز ۾ اڳوڻو گهرو وزير، اٿيريون شاهديون. اٿيورا ثبوت ۽ پنهنجي عدم موجودگي جي بنياد تي بري ڪرڻ جي لاءِ آئيني درخواستون داخل ڪيون جنهن کي عدالت ٻڌڻي جي لاءِ منظور ڪندي حڪومت کي 14 مئي تي دليلن جي لاءِ طلب ڪري ورتو آهي. شيخ رشيد طرفان داخل درخواستن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اڳوڻو گهرو وزير ساڳئي ڏينهن راولپنڊي ۾ موجود نه هو ڪيس 9 مئي سانحي جي سلسلي ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ ملوث ڪيو ويو آهي. ڪيس اهڙن ڪيسن مان بري ڪيو وڃي. جڏهن ڪان پوءِ شيخ رشيد صحافين سان ڳالهين ڪندي چيو ته اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ملوث ڪيو ويو آهي اهو سياسي انتقام آهي. حڪومت مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي جيڪي پاڪستان جي ملوث نه هئا انهن کي به ملوث ڪيو ويو آهي. هن چيو ته اسان قانون جي دائري ۾ رهي اهي ڪيسز وڙهنداسين ۽ ڪٽينداسين. شيخ رشيد چيو ته جيڪي بيگناهه قيد آهن انهن سيني کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 01

ٽينڊڙ سبزيون، گوشت سميت ٻيون شيون واپرائڻ تي مجبور، سڪرنڊ شهر ۾ ڪافي عرصي کان سڪرنڊ شهر سينما چونڪ، محرابپور روڊ نواب شاهه روڊ ،شاهي بازار قاضي احمد روڊ بائي پاس سميت ٻين علائقن ۾ ڪير ۽ ڪاڏي پيتي هوٽلون هلندڙ آهن جنهن تي ڪيمڪيل وارو زهريلو ڪير هلي رهيو آهي جيڪو انساني زندگين لاءِ نقصانڪار آهن. شهرين رحيم جمالي ممتاز ملاح ۽ ٻين چيو ته ڪجهه عرصو اڳ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي سڪرنڊ ۾ موجود مختلف ڪير وارن هوٽلن ۽ ڪاڏي پيتي وارين هوٽلن تي ڇاپا هنيا هئا جڏهن ته هوٽلن ڪيمڪيل وارو ڪير وڪرو ڪيو پيو وڃي دريعن موجب جنهن ۾ ڪيڻن وارو سرف،بال صفا پائوڊر سميت پيو زهريلو ڪيمڪل استعمال جا انڪشاف ٿيا آهن ان ڪيمڪل وارو ڪير ۽ ڪاڏي پيتي جي پڪل ڪاڌو استعمال ڪرڻ سان ڪينسر، گڙدن، ڇمڙي دل جگر، اڪين جي بيماري جا وڏا خدشا آهن ان ڪري انهن هوٽلن خلاف ڪاروائي ٿيڻ گهرجي ،جنهن جي سڪرنڊ شهر جي عوام جي زندگي داءَ تي لڳل آهي، سڪرنڊ شهر ۾ سري عام زهريلو ڪيرهلي پيو جنهن مان ڏهي،چانهه ٺهي پئي ۽ شهري واپرائيين پيا زهريلي ڪير سبب سڪرنڊ شهرجا 70 ڪان 80 سيڪڙو ماڻهو مختلف بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن. ۾ سنڌس اسسٽنٽ ڪمشنر مختيارڪار سڪرنڊ ۽ تعلقي رڳو اوڳاڙين ۾ پورا آهن ،شهرين ۽ سماجي اڳواڻن چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ کان مطالبو ڪيو ته سڪرنڊڊ سول جج جي نگراني ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي وڃي جيڪا تعلقي سڪرنڊ ۾ زهريلو ڪير وڪرو ڪندڙ ۽ زهريلو ڪاڌو شهرين ڪي ڪارائيندڙ خلاف سخت قانوني قدم کڻي سنڌن هوٽلن، دوڪانن کي سيل ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيا ويا وڃن.ٻي صورت ۾ سڪرنڊ واسي احتجاجي تحريڪ شروع ڪندا.

بقايا 02

تي ڌرڻو هنيو ويو انهي موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن ناٿو بروهي، راجو قريشي، جميل سمون ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ جي تاريخي ماڳن، زمينن تي قبضن ڏني جي ڪوهستاني پٽي جي زمينن تي والار بعد هاڻي سنڌ جا تاريخي ماڳ ب محفوظ ناهن. ٺٽيور جي 6 سئو 40 ايڪڙ زمين مان صرف 3 سئو ايڪڙ وڃي زمين بچي آهي، ٺٽيور، مڪلي ۽ ڪينجهر ڍنڍ قبضاگيرن جي نشاني تي آهي، اڳواڻن مطالبو ڪيو ته تاريخي ماڳن تان قبضا ختم ڪري ماڳن کي محفوظ بڻايو وڃي.

بقايا 03

انگ ۾ گاڏيون ۽ ڊرائيور قاتل انتظاميه آبادگارن سان ڳالهيون نه ڪري سگهي، آبادگارن جي اڳواڻي ڪندڙ راجا ارشاد ڪيريو ، غلام نبي چوهاڻ ، عبدالحميد ڪيريو ، نظر محمد گهمڻ ، اعجاز علي ڪيريو، حاجي دين محمد ڪيريو، طاهر ڪيريو ، فنڪشنل ليگ اڳواڻ نظام الدين سنجراڻي ، ليبڪ غلام حسين جوڻو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته مسلسل ٽن ڏينهن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون ۾ فوڊ انتظاميه باردانو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي، هنن چيو ته باردانو پيدين وارن کي پئسن عيوض وڪرو ڪيو پيو وڃي ان ڪري جيستائين باردانو نه ڏنو ويندو تيستائين مين گيٽ بند رهندو ۽ احتجاج پڻ جاري رهندو، ٻئي طرف نوابشاهه جي ڊرائيور سجڻ وٽو ۽ بچيري جي ڊرائيور نور محمد برهماڻي چيو ته مسلسل احتجاج ڪري گيٽ بند هڻڻ ڪري اسان جون گاڏيون قاتل آهن 15 کان 20 گاڏيون ۽ ڊرائيور قاتل آهن آبادگارن جو مسئلو حل ڪيو وڃي ته اسان گاڏيون ڪاهي پنهنجي گهرن طرف وڃون.

بقايا 04

جي سلسلي ۾ سنجهورو ناناڻن وٽ آيل هيو نينگر جي فوت ٿيڻ بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي فوتي نينگر جي وارثن ٻڌايو ته نينگر راند ڪندي اچانڪ پاڻي جي حود ۾ ڪري پيو ۽ گهر ڀاتين کي خبر نه پئي نينگر جي گمشدگي بابت ڳولا ڪرڻ بعد نينگر جو لاش چوپائي مال جي پاڻي واري حود مان مليو جنهن کي اسپتال نيو ويو پر هو اڳ ۾ ئي فوت ٿي ويو هيو نينگر جي مدرسا رحمانيا ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد سنجهورو جي مک قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي

بقايا 05

ڪري دوڪان جا شيشا ٽوڙڻ ۽ سائنس ڪيل بدتميزي ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي سنڌس وڌيڪ چوڻ هو ته شهر ۾ شريف شهرين ۽ ڪاروبار ماڻهن جو شرپسندن هٿان جان ۽ مال سميت زندگيون محفوظ ناهن ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو ضلعي انتظاميا ۽ ايس ايس پي ٺٽو کان فورن نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي حملي آورن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري واپاري سان انصاف ڪرڻ جو مطالبو ڪيو وڃي.

بقايا 06

بدسلوڪي واري معاملي جو نوٽيس ورتو صوبائي وزير جو ايس ايس پي ڊاڪٽر عمران خان سان رابطو پوليس ۽ ايس ايڇ او گهارو انور شر جي ٽيٽ پاران عورتن تي تشدد بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ ڪاروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي انهي موقعي تي ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر صوبائي وزير کي ٻڌايو ته تشدد ۾ ملوث اهلڪارن کي گرفتار ۽ ايس ايڇ او گهارو انور شر کي معطل ڪيو ويو آهي.

بقايا 07

ڌرڻو ختم ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ سکر جميعت علماءِ اسلام سکر جي سڏ تي خوراڪ کاتي جي عملدارن جي باردانن جي ورڇ منصفاڻي طريقي نه ڪرڻ خلاف خوراڪ کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر آفيس آڏو احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي مظاهرين جي اڳواڻن مولانا محمد صالح انڊڙ ، حافظ عبدالحميد مهر ، قاري لياقت علي مغل ۽ ٻين جو چوڻ ته سنڌ حڪومت جي حڪمن باوجود سکر سميت پوري سنڌ ۾ آبادگارن کي باردانو نه پيو ڏنو وڃي هنن چيو ته سياسي پهرائي رکندڙ با اثر واپارين من پسند آبادگارن کي باردانو ڏنو پيو وڃي جنهن ڪري عام آبادگار خوراڪ کاتي کي ڪڻڪ ڏيڻ بجائي مجبور ٿي گهٽ اگهه تي عام واپارين کي ڪڻڪ وڪرو ڪري رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته اصل آبادگارن کي باردانو ڏئي کين رليف فراهم ڪيو وڃي جنهن بعد ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ بشير احمد شيخ ۽ ڊي ايف سي دلدار علي ڪلوڙ پاران مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون جنهن دوران ڊي ايف سي جو چوڻ هو ته سکر ضلعي کي ساڍا پنج لک ٻورين جو حدف مليو آهي جنهن تحت اسان کي چار لک کان وڌيڪ باردانو مليو آهي جيڪو مقرر ڪيل قائدن ۽ ضابطن موجب آبادگارن کي ڏنو ويو آهي هن چيو ته رهيل باردانو جيئن ئي مليو ته آبادگارن کي ڏنو ويندو ڊي ايف سي جي اهڙي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا 08

هٿ، ڪيس داخل تفصيل موجب ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس سنڌ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪو ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۽ جنرل ايڪسائيز نارڪوٽيڪس سنڌ جي خاص هدايت تي سنڌ کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ جي عزم ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس روهڙي سرڪل ۽ سکر ٽائون جي ٽيم اي پي ايس سکر ٽائون محمد يعقصب جاگيراڻي، اي پي ايس قمر الدين سيال جي نگراني ۾ خفيه اطلاع ملڻ تي ڪارروائي دوران منشيات فروش اعجاز علي ولد محمد صديق کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 200 گرام هيروئين پائوڊر ۽ 250 گرام چرس هٿ ڪري جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان واسطيدار اختيارين جو چوڻ هو ته ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس سنڌ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪو ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۽ جنرل ايڪسائيز نارڪوٽيڪس سنڌ جي خاص هدايت تي سنڌ کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ جي عزم تحت ڪارروائيون جاري آهن جيستائين منشيات جو خاتمو نٿا آڻي ڇڏيون تيستائين ڪارروائيون جاري رهنديون.

بقايا 09

ميلو جاري رهندو، جنهن ۾ ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءِ جا ڪتاب، ناول، افسانا، شاعري، اردو اسپيلنگ پڻ شامل آهن هن ڪتابي ميلي ۾ اعجاز ممنائي جا ڪتاب، بيوس بخش علي چانڊيو جا ڪتاب، ڊاڪٽر مبارڪ علي ڊاڪٽر برڪت ملڪ جا ڪتاب،ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جا تاريخي ڪتاب، اوشو جا ڪتاب، ڊاڪٽر اسرار احمد جا ڪتاب، ڊاڪٽر سرور خاصخيلي جا ڪتاب، ۽ ٻين نامور شخصيتن جا ڪتاب، بڪ اسٽال تي موجود آهن ان موقعي تي ادب سماج انسانيت پبليڪيشن پاڪستان جي سربراهه شهزاد افق، انٽرنيشنل رائيٽرز فورم سنڌ جي سربراهه اعجاز ممناڻ نويد ملڪ سيد مختيار علي شاهه ۽ ٻين سيني علم و ادب جي دوستن کي اپيل ڪئي ته هن ڪتابي ميلي مان فائدو حاصل ڪن ڇاڪاڻ ته علم ڪانسواءِ هن دنا ۾ رهڻ حرام آهي، اڳواڻن چيو ته علم نور آهي ۽ ڪتاب نعمت آهن، سو ڪتاب خريد ڪري روشني پکيڙيو ۽ هن نعمت جو قدر ڪريو

بقايا 10

ڳوٺاڻا غلام مصطفيٰ لغاري ، مهتاب لغاري ، غلام فريد لغاري ، غلام مرتضيٰ لغاري ، گلاب لغاري ، گمشاد علي ، ڪامران ، عنايت لغاري سميت 12 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا ، زخمين کي ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال داخل ڪيو ويو ، جهيڙي بابت پوليس پنهي ڌرين جي الڳ الڳ اين سي داخل ڪري ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي آهي

بقايا 11

جي وارثن مٽ مائيٽن، دوستن ۽ پاڙي واري وٽ ڳولا بعد بن قاسم ٿاڻي تي پهچي نوجوان جي اغوا ٿيڻ جو ڪيس داخل ڪرايو هو ٻئي طرف لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهي

بقايا 12

دڪان نهيل آهي، اسان پنهنجي ملڪيت تي پينرن ۽ هڪ پاءَ جي حساب سان ورهاست ڪئي آهي. هن الزام هڻندي چيو ته ڏني شهر جي رهراسي جمن حمال ميمڻ وٽ اسان دڪان ڪرائي تي ڏنل آهي جيڪو ڪرايو به صحيح نٿو ڏئي، اسان دڪان خالي ڪرائڻ لاءِ چيو ته منهنجي مٿان سخت تشدد ڪيو ويو آهي، اسان ڪيترائي پيرا چڱن ڪي، داتهون ڏنيون آهن پر ڪير به داد فرياد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

بقايا 13

